# سنڌ جي اقتصادي تاريخ

ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي

سنڌي ادبي بورڊ

# سنڌ جي اقتصادي تاريخ

(۱۵۹۲ — ۱۸۴۳)

از

ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي

مترجم

سراج الحق


سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

نئون ڇاپو ١٩٩٥ع تعداد ٢٠٠٠

سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

[redacted]

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾، مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ناشر طرفان ٻه لفظ

هر ڪنهن ملڪ جون موجوده اقتصادي حالتون سندس ماضيءَ جي اقتصادي حالتن جو ارتقائي روپ آهن، انڪري اُهي نيستائين پوريءَ طرح سمجهي ۽ سڌاري نٿيون سگهجن جيستائين ان جي ماضيءَ جي اقتصادي تاريخ جو مطالعو نه ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ماضيءَ جي اقتصادي تاريخ تي هن وقت تائين ڪوبه مستند ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ نه لکيو ويو آهي. اها اهم ضرورت محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ، ايس.پي. چبلانيءَ جي مشهور انگريزي ڪتاب، "ايڪانامڪ ڪنڊيشنس ان سنڌ (١٥٩٢ع-١٨٤٢ع)" جو سنڌي ترجمو شايع ڪري رهيو آهي. اميد آهي ته سنڌ جي اقتصادي حالتن کي سمجهڻ ۾، هي ڪتاب اقتصاديات جي شاگردن توڙي عالمن لاءِ بيحد ڪارآمد ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب جي ترجمي جو اهم ڪم محترم سراج الحق ايم.اي. (ايڪانامڪس) سرانجام ڏنو آهي. محترم عثمان علي انصاريءَ، ڪتاب جي ڇپجڻ کان اڳ، ترجمي کي پنهنجي عالمانه نظر مان ڪڍيو آهي ۽ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ مفيد مشورا ۽ رٿون ڏنيون آهن، جن لاءِ بورڊ سندس بيحد شڪرگذار آهي.

# فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| **باب پهريون** | |
| (تمهيد) | |
| ڪوجنا جو دؤر ۽ مقام | ٥ |
| معلومات جا ذريعا ۽ | |
| سنڌن خاميون | ٧ |
| **باب ٻيو** | |
| (سنڌ جي جاگرافي) | |
| تاريخ ۽ جاگرافي جي | |
| اهميت | ١١ |
| انسان ۽ ماحول | ١١ |
| سنڌ جي جاگرافي- | ١٣ |
| طبعي خصوصيتون | ١٣ |
| مرڪزي بيهڪ | ١٤ |
| آبهوا | ١٥ |
| سنڌونديءَ سندس اثر | ١٥ |
| هوڏون | ١٦ |
| وبائون | ١٧ |
| حاصل مطالب | ١٨ |

| مضمون | صفحو |
|---|---|
| **باب ٽيون** | |
| (تاريخي پس منظر) | |
| مغلن کان ٽالپرن تائين | ٢٢ |
| مغل | ٢٢ |
| دائود پوٽا | ٢٣ |
| ڪلهوڙا | ٢٣ |
| ٽالپر | ٢٨ |
| **باب چوٿون** | |
| (انگريزي راڄ کان | |
| اڳ آبپاشي) | |
| سنڌو درياه جون خصوصيتون | ٣١ |
| زمين جي عام سطح | ٣٢ |
| آبپاشي جا طريقا | ٣٤ |
| آبپاشي جي تاريخ | ٣٦ |
| نورمحمد ڪلهوڙي جا | |
| ڪوٽابل واه | ٣٨ |
| ٽالپرن جي وقت ۾ آبپاشي | ٣٩ |
| حاصل مطلب | ٤٠ |

| مضمون | صفحو |
|---|---|
| **باب پنجون** | |
| (کيتيءَ جو سرشتو) | |
| فصلن جون منڊون | ٤٤ |
| زرعي پيداوار | ٤٦ |
| باغ ۽ سندن پيدائش | ٤٨ |
| زرعي اوزار | ٥١ |
| گاهه | ٥٢ |
| زراعت جا لاڙا | ٥٣ |
| مجموعي نتيجا | ٥٤ |
| آبپاشي ۽ زراعت | ٦٠ |
| زمين جي ڍل | ٦٣ |
| **باب ڇهون** | |
| (آدم شماري، واپار ۽ صنعت جا مرڪز) | |
| سنڌ جا شهر ۽ قصبا | ٧٣ |
| (پاڱو پهريون) | |
| ٺٽو | ٧٣ |
| نصرپور | ٨١ |
| سيوهڻ | ٨٢ |
| بکر، روهڙي ۽ سکر | ٨٤ |
| لهري بندر | ٨٦ |
| ٻيا شهر | ٨٧ |

| مضمون | صفحو |
|---|---|
| (پاڱو ٻيون) | |
| شڪارپور | ٨٩ |
| حيدرآباد | ٩١ |
| ڪراچي | ٩٢ |
| ٻيا شهر | ٩٤ |
| حاصل مطلب | ٩٥ |
| **باب ستون** | |
| (صنعت، واپار جا لاڙا ۽ سندن تنظيم) | |
| (پاڱو پهريون) | |
| تاريخي ڇڪاس | ٩٧ |
| (پاڱو ٻيون) | |
| عام لاڙا | ١٠٢ |
| عام رايا | ١٠٣ |
| (پاڱو ٽيون) | |
| صنعتون | ١١٢ |
| ڪپڙي جي صنعت | ١١٣ |
| خاصيت | ١١٥ |
| طلب | ١١٥ |
| پيداوار جو مقدار | ١١٦ |
| ريشم جي صنعت | ١١٩ |
| اوني ڪپڙي جي صنعت | ١٢١ |
| ڪپڙي جي صنعت جو زوال | ١٢٢ |
| نير | ١٢٣ |

مضمون — صفحو


کير مکڻ جي پيداش ١٢٦
چمڙي جو سامان ١٣٠
مڇي ١٣١
ٻيون صنعتون ١٣١
جنڊيءَ جو ڪم ١٣٣
ڪاشيءَ جا ٿانو ١٣٤
عاج جو ڪم ١٣٦
هٿيار ١٣٧
(ڀاڱو چوٿون)
صنعتن جي تنظيم ١٣٨
(ڀاڱو پنجون)
واپار ٢٤٢
واپاري لاڳاپا ١٤٢
ٻاهريان واپاري رستا ١٤٣
اندروني واپاري رستا ١٤٤
اندريان مرڪز ۽
مڪاني رستا ١٤٥
آمدرفت جا ذريعا ١٤٦
دريائي آمدرفت ١٤٦
خشڪي آمدرفت ١٤٨
بحري آمدورفت ١٤٩
آمدورفت جي سلامتي ١٥١
در آمد بر آمد ١٥٤
واپار جي تنظيم ١٥٦
صنعتي ۽ واپاري تنزل
جا سبب


مضمون — صفحو


انگريزن جي واپاري نيتيءَ
جو انقلاب ١٦٠
صنعتي انقلاب ١٦٥
اندروني اسباب ١٦٥
سياسي بي آرامي ١٦٦
سنڌو درياهه تي چونگيون ١٦٨
هندن سان بيجا روش ١٦٨
اميراڻي طبقي جو خاتمو ٿيڻ ١٧٠
زرعي تنزل ١٧١


## باب اٺون


آدم شماري ١٧٢
(ڀاڱو پهريون)
ڌارين جي ڏيهن ۾
آدم شماري ١٧٣
تخمينن جي ڇڪاس ١٧٧
شهري آدم شماري ١٨٢
جملي آدم شماوي ١٨٤
زراعت ۾ آدم شماريءَ
جي گهاٽائي ١٨٥
آباديءَ ۾ آدم شماريءَ
جي نسبت ١٨٨
فوج ۾ آدم شماري ١٨٩

| مضمون | صفحو |
|---|---|


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| (ٻاڳو ٻيو) | |
| مغلن جي ڏينهن ۾ سنڌ | |
| جي آدم شماري | ١٩٢ |
| پوک هيٺ ايراضي | ١٩٥ |
| سنڌ جا شهر | ٢٠٣ |
| ڪل شهري آدم شماري | ٢٠٣ |
| **باب نائون** | |
| معيار زندگي | ٢٠٨ |
| قومي آمدني | ٢٠٨ |
| عام ماڻهو | ٢٠٩ |
| وچولو طبقو | ٢١٣ |
| مزوري | ٢١٤ |
| رواجي ۽ هنرمند مزوري | ٢١٦ |
| فهرست | ٢١٧ |
| فوجي سپاهي | ٢١٩ |
| اميرانو طبقو | ٢٢٠ |
| کاڌو، اجهو ۽ ڪپڙو | ٢٢٠ |
| گهر | ٢٢٨ |
| پوشاڪ | ٢٣٣ |
| تفريح ۽ وندرون | ٢٣٥ |
| **باب ڏهون** | |
| حرف آخر | ٢٤١ |
| ضميمو- الف | ٢٤٧ |
| تاريخي واقعا | ٢٤٧ |
| ضميمو — ب | ٢٥٦ |
| ٺٽي جو بنياد | ٢٥٦ |
| ضميمو — ج | ٢٦٦ |
| ٽالپرن جي فوجي طاقت | ٢٦٦ |
| ضميمو — د | ٢٦٧ |
| ڍلن جو سرشتو | ٢٢٧ |
| آمدني ۽ ڍلون | ٢٦٧ |
| ٻيا محصول | ٢٦٩ |
| ضميمو - هه | ٢٧٢ |
| درآمد ۽ برآمد | ٢٧٢ |
| ضميمو — و | ٢٧٧ |
| ڪتابن جي فهرست- | ٢٨١ |
| ضميمو پهريون - | ٢٩١ |
| ضميمو ٻيو - | ٢٩٢ |
| ضميمو ٽيون - | ٢٩٣ |
| ضميمو چوٿون | ٢٩٤ |

سنڌ جو عوام- هاري، ڪمي ڪاسبي، پورهيت ۽ ڪاريگر- انهيءَ طبقاتي چڪتاڻ ۾ لتاڙبو پيسجندو رهيو. هر ملڪ جي معاشي تاريخ مان اهو سبق ملي ٿو ته جديد دور ۾ جيسين جاگيردارانه يا جاگيردرانه نظام معاش قائم رهندو، تيسين اهو ملڪ صنعتي نوڙي سماجي ترقي ڪري ڪين سگهندو. ايشيا جي گهڻن ملڪن جي معاشي بدحالي ۽ صنعتي انحطاط جو وڏو سبب جاگيردارانه نظام معاش آهي. انهيءَ ڪري:

> جيڪڏهن سنڌ ۾ صنعتي ترقي، ۽ جديد سماجي عروج ايندو ته فقط تڏهن جڏهن جاگيرداري نظام معاش جا پير اکڙندا.

دنيا جون بدلجندڙ حالتون، نوان دور ۽ سماجي ارتقا جو احتجاج- اهي سموريون چيزون اهائي تقاضا ڪري رهيون ته سنڌ کي آسودي ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ سنڌ کي نظام معاش کي آزاد ڪرايو وڃي- ان لاءِ عوامي قوتن کي مجاڳ ڪري جاڳائڻ، سنڌ جي سياستدان جو پهريون فرض آهي، پر ڪابه سياسي تحريڪ تيسين ڪامياب نه ٿيندي جيسين اها تحريڪ عوام جي معاشي، سماجي ۽ تمدني ضرورتن کي سياسي ضرورتن سان گڏوگڏ پنهنجي پيش نظر نه رکندي. اهو ڪم اسان جي هن معاشي اپياس جي دائري کان ٻاهر آهي.

ڪراچي
١٢ جولاءِ ١٩٥٤ع

سراج الحق

بي. بي آڏواڻيءَ به مون کي ڪافي مدد ڏيئي پنهنجا ٿورا لاٿا آهن. آخر ۾، آءٌ پنهنجي شريڪ حيات جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي هر موقعي ۽ هر قدم تي انتهائي خلوص ۽ يڪدليءَ سان مدد ڪئي آهي.

٥، رامڪشور روڊ
سول لائينس، دهلي.

ايس. پي. ڇبلاڻي

# باب پهريون

## تمهيد

”اسي في صدي لـڪيل تاريخ، مصر جي اشڪال نويسن وانگر، رڳو مذهبي اڳواڻن ۽ بادشاهن جي عظيم ڪارنامن جي ساراهه سان ڀري پئي آهي.“ (١) تاريخ مان اڪثر مراد هيءَ ورتي ويئي آهي ته ان ۾، هڪ روزنامچي طور، رڳو سياسي ۽ فوجي واقعن جي وچور ڏني وڃي، ۽ منجهس، محض بادشاهن ۽ وزيرن، جنگين ۽ حڪومتن جا داستان ۽ افسانا بيان ڪيا وڃن. هر ڪنهن تاريخ نويس پنهنجيءَ پر ۾، گذريل زماني کي سمجهائڻ ۽ ان جي تعبير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ان جي ڪن خاص صورتن تي زياده زور ڏيڻ سبب، انهن هميشه ان جا ٻيا ڪيترا پهلو نظر انداز پئي ڪيا آهن. جامع تاريخ لاءِ، ”تحقيق ۽ کوجنا جا، جيڪي علمي ۽ ادبي طريقا ۽ صلاحيتون لازمي آهن، سي سڀئي ڪنهن هڪ مورخ کي هڪڙي وقت، بدرجهء اتم ميسر هجن: زندگيءَ ۾، اهو حسن اتفاق تقريباً ناممڪن آهي.“ (٢) مشهور تاريخ نويس گبن کي، هڪ حيثيت ۾ ’ڪامل مورخ‘ سڏيو ويو آهي؛ پر، ڪٿي ڪٿي، خود هن به تاريخي حقيقتن کي ظاهر ظهور غلط انداز ۾ پيش ڪيو آهي؛ ۽ سندس باري ۾ اڪثر عالمن جو رايو اهوئي آهي ته هن ”بادشاهن جا، ضرورت کان زياده، ويهي بيان ڪيا آهن.“ (٣)

گذريل زماني جي مري کپي ويل بادشاهن جي تاريخ جو مطالعو واقعي هڪ بيسود مشغلو ٿيندو، جيڪڏهن ان مان رڳو هي به معلوم نه ٿي سگهي، ته حال ۽ ماضيءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو

---

(١) ول ڊيورانٽ، ”مئنشنس آف فلاسافي“، ص ٣٠٦.

(٢) ٽريوليان، هئمرٽنس- ”يونيورسل هسٽري آف سنڌ“، ص ٢٠.

ول ڊيورانٽ، ص ٣٠٦.

چوڙيون ڪاڏائون. (١) غلام شاه جي طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ اٽڪل ٣٠ سالن لاءِ بدامني، گهرو لڙائين ۽ ٻاهرين حملن جي ڪري سنڌ جي حالت ڏاڍي رحم جوڳي ٿي ويئي هئي، ۽ انهيءَ حالت ۾ ملڪ ٽالپرن جي قبضي ۾ آيو.

ٽالپر: ١٧٨٣ع ۾ ٽالپر قوم جي سردار مير فتح علي خان، افغان بادشاه زمان شاه کان "فرمان" حاصل ڪيو ۽ سنڌ جو رئيس يا حاڪم بڻجي ويو، ۽ حيدرآباد کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايائين. (٢) هنن جي گهراڻي ۾ ڦوٽ پوڻ ڪري صوبو ٽن خود مختار حڪومتن ۾ ورهائجي ويو. سڀني ۾ مکيه خاندان حيدرآبادي (يا شهداداڻي) ٽالپرن جو هو، جنهن جي حڪومت وچولي تي هئي. ٻيو خاندان (سهراباڻي) مير فتح علي خان جي ڀائٽي مير سهراب جو اولاد هو. اهو خاندان خيرپور تي حڪومت ڪرڻ لڳو. ٽئين خاندان جي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ ميرپور هو (هي خاندان مانڪاڻي سڏبو هو- ۽ مير سهراب جي پٽ مير ٺاري خان جو اولاد هو). حڪومت جي انهيءَ ورهاست ٽالپرن جي تاريخ کي ڏاڍو منجهائي وڌو آهي- جڏهن حيدرآباد واري ٽالپر خاندان جي سردار مير فتح علي خان ملڪ جي حڪومت ۾ پنهنجن ٽن ڀائرن- غلام علي، ڪرم علي، مراد علي- کي به ڀائيوار ڪيو، تڏهن ته معاملا هيڪاري بگڙي ويا. اهي چار ڀائر تاريخ جي نظر ۾ "چار يار" نا سڏجن. مير فتح عليءَ کي اچي خيال ٿيو ته ڪراچي ۽ عمرڪوٽ واپس هٿ ڪجن. نيٺ ١٧٩٢ع ۾ قلات جي حاڪم کان ڪراچي واپس ورتائين، ۽ جوڌپور جي راجا کان ١٨١٣ع ۾ عمرڪوٽ ڇڏايائين.

١٨٠١ع ۾ مير فتح علي پنهنجي پٺيان هڪڙو پٽ صوبدار نالي ڇڏي، مري ويو، ۽ پنهنجي حڪومت باقي ٽن ڀائرن جي سپرد ڪري ويو. ڏهن سالن کان پوءِ، مير غلام علي پويان

(١) پوسٽنس، ص ص ١٧٣-١٧٧.
(٢) هيوز، ص ٣٤.

ڪري جنجي ڪري سنڌ ۾ آبپاشيءَ کي اقتصادي حياتيءَ ۾ هڪ فخر ڪرڻ جهڙي جاءِ حاصل آهي، ۽ آبپاشي هڪ بنيادي چيز آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙا خاص ڪري واهن جي کوٽائيءَ، مرمت ۽ صفائيءَ تي گهڻو ئي خرچ ڪندا ۽ پوءِ تڪليفون وٺندا هئا. مسٽر لئمبرڪ جو اهو قول سچ کان خالي نه آهي ته ميان نورمحمد تي نادر شاهه، ۱۷۳۹ع ۾ جيڪو ۲۰ لک روپيه ساليانو ڏن رکيو هو ۽ جنهن کي ڪيترن سالن تائين احمد شاهه ابدالي وصول ڪندو رهيو، ۽ ميان غلام شاهه ۽ سندس جانشين جون زبردست لڙايون ڏيکارين ٿيون ته سنڌ جو خزانو گهڻو ئي ڀريل هو" (۱) انهيءَ ڪري ڪلهوڙن واهن ذريعي آبپاشيءَ تي ڌيان نه ڏيڻ جي غلطي نه ڪئي، ڇو ته هنن محسوس تي ڪيو ته ملڪ جي خوشحاليءَ ۽ سرڪاري ڏيڻ جي سلامتيءَ جو دارومدار ئي ان تي آهي.

---

(صفحي ۴۱ تان اڳتي)

(پ) واهن ۽ ڪڙين کي هڪ ئي سرشتي ۾ ڳنڍڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي وئي هئي.

(ڀ) ميرن جي واهن ۾ ڀيڪ جي صفائي ڪانه هئي.

(۲) سورلي ص ص ۱۳۹، ۱۱۲، ۱۱۳.

(۱) لئمبرڪ، جي- ايس- ايڇ- ايس جلد ۳ ڀاڱو ۱، ص ۱۸

زمين جاگيرن کان سواءِ سراسري طرح الڪل ۱۳۴۱۸ لک ايڪڙ هئي.

انهيءَ طرح اسان کي خبر پئي ٿي ته سنڌ جي زرعي پيداوار جي قوت مغلن جي وقت ۾ چڱي عروج تي هئي. اوائلي ڪلهوڙن جي دور ۾ اها اڃا به وڌيڪ بلنديءَ تي پهچندي وئي ـــ ۽ ان کان پوءِ ان جو زوال شروع ٿيو، ٽالپرن جي وقت ۾ وچي تري تي پهتي. انگريزن جي راڄ ۾ زراعت جي ايراضي وڌندي ويئي ـــ ۽ ۱۸۷۸-۷۹ع(۱) ۾ ساڳي ڪلهوڙن واري بلندي يعني ويهن لکن ايڪڙن تائين وڃي پهتي. اهو وڌندڙ لاڙو اڃا به وڌي رهيو آهي ـــ ۽ ۱۹۳۰-۳۱ع(۲) ۾ زير زراعت ايراضي ۴۶۶۳ لکن ايڪڙن تائين پهتي ـــ ۽ ان سال کان پوءِ نئين سکر براج جي تيار ٿي وڃڻ جي ڪري انهيءَ ايراضيءَ ۾ اڃا به ٻين ڏهن لکن ايڪڙن جو اضافو ٿيو آهي.

---

(۱) براج جي مڪمل ٿيڻ واري رپورٽ ۱۹۳۲-۳۳ع موجب، جلد ۱، ص D ان کان اڳئين عرصي لاءِ انگ اکر موجود ڪين آهن ڇو ته اهو ظاهر ڏسڻ ۾ ايندو ته اميرن کي وڏيون جاگيرون عطا ٿيل هيون ۽ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ اهي رد ڪيون ويون.
(۲) چونڊ - ج ۱۸۷۴ ص ۵.

ٻيا شهر:- ڪنڊيارو، ڏرٻيلو، گمبٽ، ٻوبڪ ۽ سن به صنعتي شهر هئا. اهي شهر يا ته درياءَ جي ڪناري تي هئا، يا درياءَ جي ويجهو ٻڌل هئا. اهي شهر جيتوڻيڪ ننڍا هئا، ۽ هر هڪ جو جدا جدا بيان ضروري نه آهي، تڏهن به پرڳڻي جي معاشي زندگيءَ ۾ چڱو حصو ورتائون: ڪنڊياري، ڏرٻيلي ۽ گمبٽ ۾ سٺو سوٽي ڪپڙو تيار ٿيندو هو، جنهن جا ڪي نمونا ته نصرپور کان به سٺا ٿيندا هئا. ٻوبڪ، سن ۽ سيوهڻ نير ٺهڻ جا مکيه مرڪز هئا. اهي شهر جيتوڻيڪ ننڍا هئا، تڏهن به يورپي واپارين کي انهن تي ڌيان ڏيڻو پيو ـــ ۽ هو اڪثر انهن شهرن ۾ خريداري يا وڪرو ڪرڻ لاءِ پنهنجن گماشتن کي پيا موڪليندا هئا. جيستائين، سندن صنعتون ترقيءَ تي هيون، تيستائين شهر به وسيل ۽ آباد هئا؛ پر ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري سڄيءَ سنڌ تي زوال اچي ڪڙڪيو ـــ ۽ انهيءَ ۾ هنن شهرن جو به اهڙوئي حال ٿيو. اڄ تائين اهي شهر موجود آهن، پر هاڻ فقط وڏيرڙا ڳوٺ آهن، جن مان اڳوڻي دولت ۽ اهميت موڪلائي ويئي آهي.

وڏا مرڪز هئا. اول الذڪر شهرن، ان دور ۾ صوبي لاءِ نه رڳو سنڌ جي معاشي تاريخ ۾، بلڪ هندستان ۽ پوري مشرق ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو. ٺٽو، ڏکڻ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ، جڏهن پنهنجي اوج تي هو، تڏهن هندستان جي اول درجي جي شهرن ۾ شمار ٿيندو هو. ان جي برعڪس حيدرآباد ايترو گندو ۽ سڙيو شهر هو "جو هندستان جي ٽئين درجي جي شهرن جي مقابلي ۾ به هيچ هو." حقيقت ۾ انگريزن جي فتح تائين - پوري هڪ صديءَ ۾ سنڌ ۾ اهڙو هڪڙو شهر به نه هو، جو ٺٽي سان پڪيڙ ۽ آدمشماريءَ ۾، نصرپور سان صنعت ۽ سوڌهن ۾، ۽ لهري بندر سان بحري ڪارناس ۾ مٽ ٿي سگهي. جن پراڻن شهرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن کي ڏکي حياتي حاصل ٿي هئي، ۽ سنڌ پاڙون صنعت ۽ واپار جي لحاظ کان نهايت پختيون هيون - پر ٽالپرن ۽ ٻوين ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ نوان شهر اچا هالايو ۾ مس هئا. جيتوڻيڪ اڳين شهرن جي ڦٽي وڃڻ جا ڪي خاص سبب هئا، ان هوندي به، مجموعي طرح ڏسبو ته سڀني پراڻن شهرن جي هڪ ئي وقت زوال ۾ اچڻ جو سبب ملڪ جو مجموعي تنزل هو - ۽ جيڪي سبب قديم شهرن جي زوال لاءِ جوابدار هئا، سي نون شهرن جي اوسر ۽ ترقيءَ لاءِ ڪنهن به طرح فائديمند بلڪل نه هئا.

ڪان پوءِ سنڌ ۾ ١٧٩٩ع، ١٨٠٩ع ۽ ١٨٢٠ع ۾ سفارتون آيون-(١) پر سندن مکيه مقصد سياسي هو.

ان طرح اسان ڏسون ٿا ته مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن واري سنڌ پنهنجي زراعت ۽ صنعت، واپار ۽ تجارت ڪان ڏيهان ڏيهه مشهور هئي، ۽ ڪلهوڙن جي آخري حاڪمن جي دور ۾ سنڌ جي زواليت شروع ٿي- ۽ جا ٽالپرن جي ڏينهن ۾ وڏيڪ تيزيءَ سان سنڌ کي وڪوڙي ويئي.

انهيءَ پوئين دور ۾، مجموعي طرح سڄو هندستان گهرو فسادن، ۽ ٻاهرين حملن ۽ دست‌اندازين جي ڪري تاريخ جي هڪ نازڪ دور مان لنگهي رهيو هو- ۽ سنڌ ان جي اثر کان پاڻ بچائي نه سگهي.

انهيءَ دور جي زرعي حالت تي هڪ اڳئين باب ۾ اسين لکي آيا آهيون، ۽ ايندڙ صفحن ۾ سنڌ س صنعت ۽ واپار تي غور ڪنداسين.

## پانڇون باب
## عام لاڙا

اڳئين باب وانگر هن سوال کي سمجهڻ لاءِ سولي ۾ سولو رستو اهو آهي ته هن دور جي تاريخ نويسن، سياحن ۽ واپاري گماشتن جي ڏنل احوالن کي جاچيو- ۽ پوءِ جدا جدا صنعتن جو تفصيلي طرح اڀياس ڪري، ٻجاڙيءَ ۾ واپار ۽ تجارت جي انهن سان واسطو رکندڙ واپاري ۽ تجارتي سوالن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

---

(١) باسبي رڪارڊس منجهان اقتباس جي حوالي سان سلڪشنس ١٨٠٢ سورلي جي حوالي سان ص ٣٧ ف. ن

اليگزينڊر هئملٽن، جو ۱۶۹۹ع ۾ سنڌ ۾ ۱۵۰۰ باربردار جانورن جي قافلي سان اٽڪل ۱۰،۰۰۰ پائونڊن جو مال کڻي آيو هو — ان به سنڌ ۾ تيار ٿيندڙ بهترين قسم جي سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي جو ذڪر ڪيو آهي. (۱) اليگزينڊربرنس ٻڌائي ٿو ته ۱۷۰۷ع ۾ اورنگزيب جي مرڻ وقت ملتان ۽ لاهور سان سنڌ جو 'تمام گهڻو واپار' هلندو هو.

اورنگزيب جي موت کان پوءِ سڄي ملڪ ۾ غير يقيني حالتون پيدا ٿي پيون - ۽ سنڌ به انهيءَ اثر کان بچي ڪين سگهي. نتيجو اهو ٿيو جو ملڪ جو واپار عارضي طرح گهٽجي ويو. پر جڏهن ميان نورمحمد ڪلهوڙو ۱۷۱۹ع ۾ پير ڪوڙي ويو، تڏهن سنڌ جي واپار کي وري ساڳي اهميت ملي وئي ٿي پائنجي، جو ته برنس اسان کي ٻڌائي ٿو ته:

”سنڌ جي مال جو دهليءَ جي شهنشاهن جي دور ۾ گهڻو مان هوندو هو، جڏهن سنڌ ۾ نادرشاهه داخل ٿيو، ان وقت سنڌ جو واپار عروج تي هو.“ (۲)

پر جڏهن ارڙهين صديءَ جي پوئين اڌ کي ڏسجي ٿو ته واپار جا آثار چڱا نظر ڪين ٿا اچن. سنڌ جي واپار ۽ صنعت ۾ رفته رفته زوال اچڻ لڳو هو.

ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب ”شاهه عبداللطيف آف ڀٽ“ ۾ ۱۷۵۸ع جي هڪ خط جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ته ”غلام شاهه ڪلهوڙي ۽ سندس ڀائرن جي پاڻ ۾ خانه جنگيءَ جي ڪري، سنڌ جو سڄو صوبو وڳوڙن ۽ مونجهارن ۾ گرفتار هو.“ (۳)

ان کان ٽي سال پوءِ، سنڌ ۾ انگريزي ڪوٺيءَ جو منتظم رابرٽ ارڪن لکي ٿو:

---

(۱) ٿيوناٽ، ص ص ۱۷۵-۶
(۲) هئملٽن، ص ۰۷
(۳) برنس، ڪامرس آف ٺٽا فقرو ۶.

## ڪپڙي جي صنعت جو زوال

ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ جي ڪپڙي -- خاص ڪري سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي -- جي طلب ۾ ڪافي گهٽتائي اچي ويئي. انهن جا ڪيترائي اندروني توڙي ٻاهريان سبب هئا. انگلنڊ ۾ تجارتي پاليسي ۽ صنعتي طور طريقن ۾ انقلاب اچڻ ڪري ڪپڙي جي صنعت ڪافي ترقي ڪري چڪي هئي. صوبي ۾ اندروني طرح سياسي بدامني ۽ بي‌آرامي ۽ ٻاهريان حملا؛ سنڌ جي حاڪمن جي حڪومت جي بدانتظامي -- ماڻهن تي خواهمخواه جون ڳريون ڍلون ۽ محصول وجهڻ، ۽ سنڌ جي مکيه واپاري طبقي جي هنرن سان سندن جابرانه نيتي --؛ مقامي اميرائي دور جو خاتمو؛ زراعت جي زواليت -- اهي ۽ ٻيا ڪيترائي سبب سنڌ جي ڪپڙي جي اهم صنعت جي زوال لاءِ جوابدار هئا. نتيجو اهو نڪتو، جو تيار ٿيندڙ ڪپڙو بناوت ۽ خاصيت جي لحاظ کان ڪرندو ويو. ١٧٦٧ع ۾ انگريز ايجنٽن لکيو ته ”هن ملڪ جي ڪپڙي جو اوچو ايترو ته خراب آهي، جو هندستان جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ انهن جو ڪوبه ڪاپو نٿو ٿئي -- سواءِ سندس پاڙيسري پرڳڻن -- شڪارپور ۽ ملتان -- جي، جتي البت اهو ڪپڙو چڱيءَ طرح وڪامي ٿو.“(١)

انهيءَ طرح سنڌ جا مشهور ڪپڙا، جن لاءِ هونئن ڪنهن وقت ٻاهرين مارڪيٽن ۾ بيحد طلب هوندي هئي، سي بنهه استعمال مان نڪري ويا -- ۽ خاص ڪري يورپ ۽ ٻين پرڏيهي مارڪيٽن ۾ انهن جي ڪابه طلب باقي نه رهي. انگلنڊ جي صنعتي انقلاب اچڻ کان به اڳ ۾، انهن جي بدران انگلنڊ جو تيار ٿيندڙ ڪپڙو وڪامڻ لڳو. جيئن جيئن سال گذرندا ويا، تيئن تيئن حالت بگڙندي ويئي -- ۽ جڏهن انگريزن سنڌ کي انگريزي سلطنت

---

(١) هئملٽن سنڌ جي پرٽ جو ذڪر ڪيو آهي. ص ٧٦.

ڪري سنڌ ۾ خشڪي آمدرفت گهڻو ڪري انهن جي قافلن ذريعي ٿيندي هئي. سنڌ ۾ ٿوري ٻاڪي اٺ کی نار، گهاٽي ۽ هر ڪاهڻ لاءِ به استعمال ڪيو ويندو آهي. جيڪي ماڻهو انهن جا وڳ پاليندا آهن، سي رڍن ۽ مينهن جي کير سان گڏ ڍاڄين جو کير عام طرح ڪم آڻيندا آهن.

سنڌ ۾ ماڻهن جو هڪ حصو رڍن پالڻ ۾ به مشغول هوندو هو. اڄ تائين الهندي پاسي جي جابلو علائقن ۽ اڀرندي پاسي جي ريگستاني حصي جي خانہ بدوش ريڍار ماڻهن جو گذر گهڻو تڻو رڍن جي پيدائش تي آهي.

گهوڙا پالڻ تي به ڪافي ڌيان ڏنو ويندو هو. 'مهاڀارت' ۾ به سنڌ جي گهوڙن جو ذڪر آيل آهي. باربوسا به سنڌ ۾ گهوڙن جي جججهائيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.(١) انهيءَ بابت ٻين سياحن ۽ واپارين جا ڪيترائي حوالا ملن ٿا. عرب ڀيريان حملہ‌آور هئا، جن سنڌ تي باقاعدي راڄ ڪرڻ شروع ڪيو ـــ ۽ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته. هنن پاڻ سان ڪجهہ گهوڙا به آندا هئا. سنڌ ۾ خراسان کان به گهوڙا گهرايا ويندا هئا.(٢) انهيءَ ڪري هتي جي مقامي نسل ۾ ٻاهريون تخم به اچي ويو. سنڌي گهوڙا جيتوڻيڪ سنها ۽ هڏاوان ٿين ٿا پر ڏاڍا مضبوط، تيز رفتار ۽ غيرمعمولي طاقتور ٿين ٿا.(٣) سنڌ ۾ گهوڙن جا مالڪ پنهنجن گهوڙن کي ڪاڏو نهايت سٺو ڪرائيندا هئا ـ ۽ شاهوڪار ماڻهو ڏاڍي شوق ۽ آب تاب سان پنهنجن گهوڙن کي سهڻن ۽ قيمتي سنجن سان سينگاريندا هئا.(٤)

گڏهہ ۽ خچر به ڪافي انداز ۾ پاليا ويندا هئا. گڏهہ ڏاڍا وڏا ۽ طاقتور هوندا هئا ـ ۽ انهن سان گڏ باربرداريءَ لاءِ

---

(١) ايضاً، ٢، ص ١٤٣

(٢) ڪرو، جي - ايس - ايچ - ايس، جلد ١، ڀاڱو ٢، ص ٣٤

(٣) باربوسا، ص ١٠٦

(٤) پوسٽنس، ص ١١٠

۽ سڪائي ٻين ملڪن ڏانهن برآمد ڪيو ويندو هو. ڊيو آرٽ باربوسا (۱۵۱۶ع) به سنڌ جي عاليشان مڇيءَ جي صنعت ۽ اتر هندستان ۽ ٻين ملڪن سان سنڌس هلندڙ برآمدي واپار جو ذڪر ڪيو آهي. (۱) آئين اڪبريءَ وارو لکي ٿو ته ”سنڌ ۾ مڇي ايتري جام هوندي هئي، جو ماڻهو گهوڙن کي سڪل مڇي کارائيندا هئا.“ وڌيڪ لکي ٿو ته هتي مڇي لوڻي ۽ سڪائي ٻين بندرن ۽ ملڪن ڏانهن برآمد ڪئي ويندي هئي، ۽ ان مان ماڻهن کي ڪافي آمدني ۽ نفعو ٿيندو هو. (۲) مڇيءَ مان تيل پڻ ڪڍيو ويندو هو، جو ٻيڙين ناهڻ ۾ ڪم ايندو هو. (۳)

پاٽنجي ٿو ته مڇيءَ جي صنعت سنڌ ۾ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي ٻين صنعتن جي ڀيٽ ۾ صحيح معنائن ۾ هڪ مقامي صنعت هئي، جو ته اهي ٻيون صنعتون رفته رفته ختم ٿي ويون، پر مڇيءَ جي صنعت اڄ تائين چڱيءَ حالت ۾ آهي. ۱۸۴۳ع ۾ پوسٽنس لکي ٿو ته ”ڪراچيءَ ڪان ڪڇ، گجرات ۽ مسقط ڏانهن برآمد ٿيندڙ شين ۾ سڪل مڇي به هڪ مکيه شيءِ آهي-۽ ڇرڪن (Shark) جا هڏا ۽ کنهڙ بمبئيءَ ڏانهن موڪليا ويندا آهن.“ (۴) سنڌ هميشه هندستان جي مڇيءَ جي مکيه مرڪزن مان هڪ رهي آهي-۽ مٺي پاڻيءَ توڙي کاري پاڻيءَ جي مڇي دور ديسن ۾ پهچندي رهي آهي.

**ٻيون صنعتون:** ٻين مکيه صنعتن مان جنڊيءَ جو ڪم، عاج تي اڪر، ڪاشيءَ ۽ اسلح سازيءَ جي صنعتن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي.

**جنڊيءَ جو ڪم:** ڪاٺ تي جنڊيءَ جي ڪم جي صنعت،

---

(۱) باربوسا، ص ص ۱۰۶-۱۰۷
(۲) آئين، ۲ ص ۲۳۷
(۳) آئين، ص ۲۳۷
(۴) پوسٽنس، ص ۱۰۷

# آمدرفت جي سلامتي

آمدرفت جي سلامتيءَ جو درجو شهر شهر ۾ مختلف هو، ۽ وقت وقت تي بدلجندو ٿي رهيو. سلامتيءَ جو گهڻو دارومدار وقت جي مقامي حڪومت جي انتظامي طاقت تي منحصر هو. ان وقت جي لکندڙن جي بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته رستن تي سلامتي ڪانه هئي، ۽ چورن ڌاڙيلن جو گهڻو ڊپ ڊاءُ هوندو هو. وڻنگٽن کي احمدآباد کان ٺٽي جي رستي تي بار بار اهڙو تلخ تجربو درپيش آيو هو: ڪيترا ڀيرا ڌاڙيل سمورو مال متاع ڦري، پاجامي کان سواءِ بدن جا باقي ڪپڙا به ڪڍي ويس.(١)

پر ائين نه سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جي حاڪمن اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ ڪي اپاءُ ئي ڪين ٿي ورتا. خود وڻنگٽن به ذڪر ڪيو آهي ته انهيءَ مصيبت جي پاڙ پٽڻ لاءِ مغل بادشاهن چڱا اپاءَ ورتا هئا.(٢) ساڳيءَ طرح هئملٽن به ٻڌائي ٿو ته ”ٺٽي جي گورنر شهر کان ڇهه ميل پري انهيءَ ڪري اچي ڪئمپ لڳائي هئي ته جيئن ڪن بلوچن ۽ مڪرانين کي قافلي ڦرڻ ۽ سندس ماڻهو مارڻ لاءِ سزا ڏئي.“(٣)

سڄي ملڪ ۾ خشڪي رستن جون مسافريون برابر خطرناڪ ۽ جوکم واريون هونديون هيون، ڪنهن مضبوط پهري کان سواءِ ڪوبه ماڻهو سفر لاءِ ڪين اسهندو هو. هئملٽن (١٦٩٩ع) ۾ پاڻ سان ٻن سون گهوڙيسوار سپاهين جو هڪ دستو کنيو هو، ۽ جيتوڻيڪ هن کي ڦورن جي ٽوليءَ سان مقابلو ڪرڻو پيو، پر سندس محافظ ڦورن تي غالب پئجي ويا، ۽ هو صحيح سلامت پنهنجي منزل تي اچي پهتو.(٤) پر هو لکي ٿو ته هن جي پهچڻ

---

(١) پرچاز، جلد ١٠، ص ١٦٩
(٢) ايضاً، ص ١٧١
(٣) هئملٽن، ص ٧٣
(٤) ايضاً، ص

تہ ضلعي ۾ ڪي ٻہ ٽہ اهڙا زميندار ملي سگهندا جي 'درمهيني' ٽہ هزار رپيا خرچ ڪري سگهندا هجن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ هو 'غربت' ۾ گذارين ٿا، سندن نوڪرن چاڪرن کي تَنَ تي ڪو سچو ڪپڙو ڪونهي."(١) ڪو عجب ڪونهي جو اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي صنعت ۽ هنر جو زوال ۽ تباهي آئي.

## زرعي تنزل

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي راج جي دورن ۾ زراعت جي تنزل جو ذڪر اڳيئي ڪري آيا آهيون-زراعت جي انهيءَ تنزل جو صنعت ۽ واپار تي نهايت تباهہ ڪُن اثر ٿيو.

هڪ چيني فيلسوف جو قول آهي تہ "ڪنهن قوم جي ڀلائي ۽ بهبودي هڪ وڻ مثل آهي: زراعت انهيءَ جي پاڙ آهي، صنعت ۽ واپار سندس ٽاريون ۽ پن آهن: جيڪڏهن پاڙ کي ڪو چيهو رسيو تہ پن ڇڻي ويندا، ٽاريون ڀڄي ڪري پونديون ۽ وڻ ناس ٿي ويندو." يقيني آهي تہ سنڌ ۾ ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري جيڪو زرعي زوال ۽ تنزل شروع ٿيو، واپار ۽ صنعت تي ان جو لازمي طرح نهايت خراب ردعمل ٿيو هوندو.

اهي هئا سبب، جن سنڌ جي صنعت ۽ واپار جو زوال آندو.

---

(١) مئڪڊونالڊ، رپورٽ آن روهڙي ڊسٽرڪٽ، ص ٢٧

# باب اٺون

## آدمشماري – تعداد

جنهن دور جو اسين ابياس ڪري آيا آهيون، ان ۾ سنڌ جي آباديءَ جو ڪاٿو ڪنهن صحيح حد تائين ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. سنڌ جي ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ جو اهڙو اعتبارجوڳو رڪارڊ به موجود ڪونهي، جنهن مان اسان کي رهبري ملي. ”آدمشماريءَ لفظ مان جيڪو مفهوم اسين موجوده وقت ۾ وٺون ٿا، انهيءَ قسم جي ڪابه ڳڻپ يا آدمشماري سترهين توڙي ارڙهين صديءَ ۾ ڪانه ٿي هئي؛ البت، ٽالپرن پنهنجي وقت ۾ ’مٿگي‘ يا ماڻهوءَ پٺيان محصول قائم ڪري ماڻهن جي ڳڻپ ۽ آدمشماريءَ جو هڪ اڻ رٿائتو سرشتو قائم ڪيو، جنهن کي ”خانه شماري“(۱) يا ”سرشماري“ سڏيو ويندو هو، ۽ جنهن موجب گهرن يا فردن جي ڳڻپ ٿيندي هئي. مردن، زالن ۽ سمجهه لائق ٻارن - سڀني کي اهو محصول ڀرڻو پوندو هو، ۽ گهر جو هرهڪ ڀاتي ٻئي ڀاتيءَ جو ضامن هوندو هو. انهيءَ طرح، جيڪي به ماڻهو اهو محصول ڀريندا هئا، انهن جي تعداد جو رڪارڊ موجود هوندو هو — پر جيئن ته انهيءَ ۾ بلوچ سردارن ۽ سپاهين جي هڪ وڏي تعداد، ۽ ٻين وڏن زميندارن، اميرن، سرڪاري ڪامورن ۽ مذهبي ماڻهن تان اهو محصول معاف هوندو هو،(۲) انهيءَ ڪري اهو رڪارڊ، ملڪ جي آدمشماريءَ جو ڪو اعتبارجوڳو رڪارڊ نه ٿي سگهندو. ٽالپر حڪمران ڪوشش ڪندا هئا ته انهيءَ محصول جي گهٽ ۾ گهٽ وصولي ٿيندي رهي، ان ڪري ڪيترن اهڙن جا نالا به دفتر تي موجود هوندا هئا، جيڪي فوت ٿي ويل هوندا هئا. انهن ڳالهين

---

(۱) برٽن، ”ريسز اينڊ ٽرائيبس“، باب ۲

(۲) ايضا

## ڏکميلن جي چڪاس

فهرست نمبر ۱ (۱)

### سنڌ (خيرپور سميت) جي آدمشماري

| سال | ٽوٽل | واڌ (+) ڪوٽ (—) |
|---|---|---|
| ۱۸۵۶ | ۱۸۸۲۵۰۲ (۲) | ———— |
| ۱۸۷۲ | ۲۳۳۳۵۲۷ | + ۲۴ سيڪڙو |
| ۱۸۸۱ | ۲۵۴۲۹۷۶ | + ۹ سيڪڙو |
| ۱۸۹۱ | ۳۰۰۳۷۱۱ | — ۱۸۶۱ ” |
| ۱۹۰۱ | ۳۴۱۰۲۲۳ | + ۱۳۶۵ ” |
| ۱۹۱۱ | ۳۷۳۷۲۲۳ | + ۹۶۹ ” |
| ۱۹۲۱ | ۳۴۷۲۵۰۸ | — ۷۶۱ ” |
| ۱۹۳۱ | ۴۱۱۴۲۵۳ | + ۱۸۶۵ ” |
| ۱۹۴۱ | ۴۸۴۰۷۹۵ | + ۱۷۶۷ ” |

(۱) ”سينسس رپورٽس، بامبي“، جلد ۹ A (۱۹۰۱)، جلد ۸، ۱۹۳۱، سنڌ، ۱۹۴۱ع.

(۲) هيوز، ”گزيٽئر“. ۱۸۵۶ع ۾ انگريزن جي قبضي هيٺ جيڪي سنڌ جا ضلعا هئا، انهن جي آدمشماري ۱۷۷۲۳۶۷ هئي، ۽ خيرپور، مقامي رياست جي آدمشماري ۱۰۸۱۳۵ هئي. ان طرح ڪل آدمشماري ۱۸۸۰۵۰۲ ٿيندي، ۽ نه ۱۸۴۲۰۳۵، جيئن هيوز لکي ٿو.

واڌ نہ ٿي (١)، ڇاڪاڻ تہ اهو تسليم ٿي ويل آهي تہ يورپ جي آدمشماريءَ کي ٻيڻو ٿيڻ ۾ اوڻيهين صديءَ جا لڳ ڀڳ ١٠٠ ٿي سال لڳي ويا (٢). هيءَ حقيقت بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ يورپي ملڪن جي آدمشماري اوڻيهين صديءَ ۾ ڪن خاص حالتن جي ڪري وڌي، جيڪي آدمشماريءَ جي وڌاءُ لاءِ موزون ۽ فائديمند هيون. سائنس جي ترقي، صنعتي ڪارنامن جو واڌارو، صحت عامہ ۾ سڌارو، جنهن جي ڪري موتن جي رفتار گهٽجي ويئي، يورپي ملڪن جي وڌندڙ پيداوار، جنهن جي ڪري اهي ملڪ وڌندڙ ۽ گهٽي آدمشماريءَ کي ڪارائتي سنڀالي سگهيا ٿي، ٻاهرين ملڪن ۾ بيٺڪون ۽ واپاري لاڳاپن جو سهولتون، زمينن مان سستيون ڪاڌي خوراڪ جون شيون ۽ صنعتن لاءِ ڪچو مال آسانيءَ سان ملي سگهيو ٿي، آمدرفت جي مشيني ذريعن ۽ ڏڪارن کي روڪي سگهڻ جي طاقت، — انهن سمورن سببن جي ڪري يورپ جي آدمشماريءَ ۾ حيرت انگيز اضافو آيو. اوڻيهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ انهن حالتن منجهان سنڌ ۾ هڪ بہ موجود ڪانہ هئي، پاڻ ان جي برعڪس ١٨٤٣ع ۾، جڏهن انگريزن سنڌ کي پنهنجي سلطنت سان ملايو، تڏهن هن ملڪ کي مسلسل لڙاين، ٻاهرين حملن، ڪيرندڙ صنعتن، گهٽجندڙ واپار ۽ تنزل پذير زراعت جي ڪري بنهہ زبون حالت ۾ ڏٺو. انگريزي راڄ جي پهرين پنجاهہ سالن ۾ سنڌ پنهنجي زبون حال معاشي حالتن جي اثرن ڪان مس ڪا ڇڳي پلي ٿي هئي؛ ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ صحت عامہ جي ڪيريل معيار ۽ زندگيءَ جي غير صحت بخش حالتن، وري وري ايندڙ متعدي مرضن — پليگ، ڪالرا، انفلوئنزا ۽ مليريا (موسمي تپ)، ۽ آمدرفت ۽ رسل و رسائل جي اڻپورن ذريعن جي ڪري، انگريزي راڄ جي پهرين پنجاهہ سالن ۾، آدمشماري جي واڌ لازمي طرح

---

(١) اوگ ۽ شارپ — ”ايڪانامڪ ڊولپمينٽ آف ماڊرن يورپ“،
ص ص ٣٢٧-٣٢٩

(٢) ايضاً، ص ٣٢٧

## (ا) شهري آدمشماري

سڀ کان اول شهرن ۾ گهوٽن جي آدمشماريءَ جي سوال کي هٿ ۾ کڻڻ سهولت ڀريو ٿيندو، جو انهن بابت ڪي انگ اکر ملي سگهن ٿا.

ٿارنٽن پنهنجي گزيٽئر ۾، انگريزن جي فتح وقت سنڌ جي مکيہ شهرن جي آدمشماريءَ جا هيٺيان انگ اکر ڄاڻايا آهن، ۽ جن جو ٽوٽل ١٥١٠٠٠ ٿئي ٿو:

فهرست نمبر ٢ (١)

| | | |
|---|---|---|
| شڪارپور | ..................... | ٣٠٠٠٠ |
| حيدرآباد | ..................... | ٢٠٠٠٠ |
| ڪراچي | ..................... | ١٥٠٠٠ |
| خيرپور | ..................... | ١٥٠٠٠ |
| ٺٽو | ..................... | ١٢٠٠٠ |
| ميرپور خاص | ..................... | ١٠٠٠٠ |
| لاڙڪاڻو | ..................... | ١٠٠٠٠ |
| هالا | ..................... | ١٠٠٠٠ |
| روهڙي | ..................... | ٨٠٠٠ |
| مٽياري | ..................... | ٥٠٠٠ |
| ٽنڊو الهيار | ..................... | ٥٠٠٠ |
| سکر | ..................... | ٤٠٠٠ |
| ڳمبٽ | ..................... | ٣٠٠٠ |
| سيوهڻ | ..................... | ٢٠٠٠ |
| ڄنجهند | ..................... | ٢٠٠٠ |
| ٽوٽل | | ١،٥١،٠٠٠ |

(١) ٿارنٽن، جلد ٢، ص ٢٢٥

۱۸۸۱ع واري آدمشماريءَ کان اڳ ۾ سنڌ جي شهري ۽ ڳوناڻي آدمشماريءَ جي ورڇ جو ڪو رڪارڊ موجود ڪونهي. البت ان کان پوءِ جا انگ هيٺينءَ ريت آهن:

فهرست نمبر ۳

## سنڌ جي شهري، ڳوناڻي ۽ جملي آدمشماري

| سال | شهري | ڳوناڻي | ٽوٽل | شهري آدمشماري ٽوٽل جو سيڪڙو |
|---|---|---|---|---|
| ۱۸۸۱ | ۲۶۰۸۴۲ | ۲۲۸۲۱۳۴ | ۲۵۴۲۹۷۶ | ۱۰٫۳ |
| ۱۸۹۱ | ۳۴۵۵۴۴ | ۲۶۵۸۹۶۷ | ۳۰۰۲۷۱۱ | ۱۱٫۵ |
| ۱۹۰۱ | ۴۰۸۵۶۳ | ۳۰۰۱۶۶۰ | ۳۴۱۰۲۲۳ | ۱٫۹ |
| ۱۹۱۱ | ۴۶۶۸۹۵ | ۳۲۷۰۳۲۸ | ۳۷۳۷۲۲۳ | ۱۲٫۵ |
| ۱۹۲۱ | ۵۶۱۴۱۹ | ۲۹۱۱۰۸۹ | ۳۴۷۲۵۰۸ | ۱۶٫۲ |
| ۱۹۳۱ | ۷۱۷۱۷۵ | ۳۳۹۷۰۷۸ | ۴۱۱۴۲۵۳ | ۱۷٫۴ |
| ۱۹۴۱ | ۹۱۴۱۰۶ | ۳۹۲۶۶۸۹ | ۴۸۴۰۷۹۵ | ۱۸٫۹ |

۱۹۱۱ع تائين مٿيان انگ ڏيکارين ٿا ته سنڌ جي شهري آدمشماري ۱۰٫۳ سيڪڙي کان ۱۲٫۵ سيڪڙي تائين ڦرندي گهرندي رهي، ۽ اهو غير يقيني آهي ته شهري آدمشماريءَ جي انهيءَ نسبت ۾ اڳين چاليهن سالن جي دوران ۾ ڪا گهٽيءَ حد تائين بدل سدل ٿي هوندي.

جيڪڏهن سنڌ جي جملي آدمشماريءَ منجهان شهري آدمشماريءَ

تعداد ايتريءَ حد تائين وڌندو، جو ”آدمشماريءَ جي حد کان ٻاهر واڌ“ ٿي پوي، تڏهن فطرت وري تخريبي طاقتن سان پاڻ کي نروار ڪري ٿي: پيلا ناس ٿيڻ لڳن ٿا، زمين جي ڪاڌ ۽ سر پنهنجي سمورن نقصانن سان ظاهر ٿين ٿيون، ۽ نتيجي طور ڪُوناٽي آدمشماري گهٽجڻ لڳي ٿي.(١)

انهيءَ طرح سنڌ جهڙي بنيادي طور زرعي ملڪ ۾ پوک جي انداز ۽ آدمشماريءَ جي گهاٽاڻ ۾ هڪ ٻئي پٺتي ۽ نمان نسبت آهي. ٻيون چيزون ـ زمين، آب هوا، آبپاشيءَ جو سرشتو ۽ پوک جا طريقا ـ ساڳيون رهن ته پوءِ پوک جي گهاٽائي، آدمشماريءَ جي گهاٽائي ظاهر ڪندي ۽ آدمشماريءَ جي گهاٽائي، پوک جي گهاٽائيءَ کي ظاهر ڪندي.

پوک جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٦٠-١٨٥٩ع کان اڳ جو ڪوبه رڪارڊ موجود نه آهي ۽ انهيءَ سال ۾ پوک هيٺ ايراضي الڪل ١٢٤٦٩ لک ايڪڙ هئي،(٢) ۽ اسان جي تخمينن موجب ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي فتح وقت، پوک هيٺ زمين الڪل ١٠ لک ايڪڙ هئي.(٣) ١٨٧٣ع کان وٺي، پوک جي انگن اکرن جو مڪمل رڪارڊ موجود آهي؛ ۽ انهن انگن اکرن کي ان دور جي آدمشماريءَ جي انگن سان ڀيٽڻ دلچسپيءَ کان خالي نه آهي.

---

(١) گنگولي، ص ١٢
(٢) هيوز، ”گزيٽئر“، ص ١١
(٣) ڏسو باب ٥

فهرست نمبر ٤

## جملي آدمشماريءَ سان ٻوڪ هيٺ آيل ايراضيءَ جي نسبت

| سال | جملي آدمشماري (لکن ۾) (١) | ٻوڪ هيٺ آيل سرلسري ايراضي (لکن ايڪڙن ۾) ٢ | ٻوڪيل في ايڪڙ ماڻهن جو تعداد |
|---|---|---|---|
| ١٨٥٦ع | ١٨٫٨٢ | ١٢٫٠٠ اٽڪل | ١٫٦ |
| ١٨٦٢ع | ٢٢٫٣٤ | ١٤٫٠٠ | ١٫٧ |
| ١٨٨١ع | ٢٥٫٤٢ | ١٤٫٧٨ | ١٫٧ |
| ١٨٩١ع | ٣٠٫٠٣ | ١٨٫٧٠ | ١٫٦ |
| ١٩٠١ع | ٣٤٫١٠ | ٢٤٫٨٧ | ١٫٤ |
| ١٩١١ع | ٣٧٫٣٧ | ٣١٫٥٠ | ١٫٢ |

$$\frac{\text{جملي سراسري ـ آدمشماري}}{\text{ايڪڙ}} = ١٫٥$$

(١) هيوز، "گزيٽئر"، ص ٩٧، سينسس رپورٽ ١٩٠١، جلد ١٩، فهرست ٢، ص ٦

(٢) ڏسو "پٽريبج سيٽلمينٽ رپورٽ"، جلد ١، ص ص ٤ ٥

ٺٽي ٿو ته چوڏهين صديءَ ۾ ”ٺٽي جو علائقو ٻن حصن ۾ ورهايل هو، ........ ۽ ٻئي حصا بي شمار ۽ لڙاڪو ماڻهن سان وسيل هئا.“ ۽ ”هن پاسي (ايرندي پاسي) بيانداز ڳوٺ وسيل هئا.“(١) هيگ، جنهن هن بيان جو حوالو ڏنو آهي، سو به انهيءَ جي تائيد ڪري ٿو ته سنڌ جو هيٺيون حصو (لاڙ) ”ان وقت چڱي آدمشماريءَ سان آباد هو.“(٢) ”تحفةالڪرام“ جو مصنف به اسان کي ٻڌائي ٿو ته چوڏهين صديءَ ۾ هيٺينءَ سنڌ (لاڙ) ۾ ايتري ته گهاٽي آدمشماري هئي، جو ”جڳهه ناڪافي هجڻ ڪري (سمن جي پهرين گادي ساموئيءَ ۾)، ٺٽي جو پايو وجهي ان کي تختگاهه بنايو ويو.“(٣) ساڳيءَ طرح ”تاريخ طاهري) وارو لکي ٿو ته سنڌ جي ٽن ناميارن شهرن — ساموئي، نغرآباد (جنهن کي ڪلان ڪوٽ به سڏيندا هئا) ۽ ٺٽي — کان سواء، ان وقت ٻيا به کيترائي وسندڙ شهر ۽ ڳوٺ آباد ٿيڻ لڳا.(٤) انهيءَ بيان جي تائيد ڊيوڊارٽ باربوسا به ڪري ٿو، جو سورهين صديءَ جي شروع ۾ لکندي ٻڌائي ٿو ته ”دريا (سنڌو) جي ڪناري تي کيترائي شاهوڪار ۽ آباد لنگرگاه وسيل آهن.“(٥) مانريق (١٦٤١ع) ۾ ٻڌائي ٿو ته سيوهڻ کان ٺٽي، ملڪ جي ٽوري حصي (ڏيڍ ڏينهن جي مسافريءَ جي فاصلي) کان سواء سمورو ملڪ زرعي طرح نهايت آباد ۽ آدمشماريءَ جي لحاظ کان نهايت وسيل هو.(٦)

هو لکي ٿو ته ”بکر کان اسان سفر شروع ڪيو، ۽

---

(١) ايليٽ، جلد ٽيون، ص ص ٣٢٢، ٣٣٠

(٢) هيگ، ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، ص ٨٠

(٣) حوالو، هيگ — ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، ٧٦

(٤) ايليٽ، جلد پهريون، ص ٢٧٢

(٥) باربوسا، ص ص ١٠٦-١٠٧

(٦) مانريق، جلد ٢، ص ٢٣٣

جتان جتان ٿي لنگهياسون، اٿي وسيل ڪوٽ ۽ ڀوڪيل ڪنارا نظر ٿي آيا.“(١) اڳتي هلي چوي ٿو ته ”(ميوهڻ وٽ) محصول گهر ڪان بنا ڪنهن تڪليف جي لنگهي، اسان وري پنهنجو سفر شروع ڪيو، ۽ هروقت اسان کي ماڻهن ۽ ٻوڪن اسان وسيل ۽ آباد زمينون نظر آيون، تان جو چوٿين ڏينهن اسين ٺٽي شهر ۾ پهتاسين....... ٺٽي شهر ڪان نڪري، مسلسل نئين ۽ وسيل ملڪ مان منزلون هلندي، ستين ڏينهن اسين ’مارون‘ شهر (شايد عمرڪوٽ) پهتاسون.“(٢)

مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي زرعي، شهري، صنعتي ۽ واپاري خوشحاليءَ جي عام حالتن لاءِ ٻه اسان کي ڪيترائي بيان ۽ حوالا ملن ٿا، جن جو ذڪر اڳي ئي ڪري آيا آهيون. اسان ڏسي چڪا آهيون ته سنڌ ان وقت هڪ خوشحال ملڪ هو: منجهس وڏا ۽ وسندڙ شهر هئا، وڌندڙ ۽ وسندڙ زراعت هئي، ۽ ترقي يافته صنعتن سان گڏ ديسان ديس پکڙيل واپار هو. ساڳئي وقت، اسان کي سنڌ جي مالي پيدائش جا حوالا به ملن ٿا؛ ۽ ان حقيقت جو به بيان موجود آهي ته نادرشاهه جي حملي کان پوءِ سنڌ کي سالبانو ويهه لک ڏيل ڀرڻي پوندي هئي - جا ان وقت جي لحاظ کان هڪ ڳري رقم هئي.

اهي سموريون حقيقتون انهيءَ نتيجي تي پهچائين ٿيون ته مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي آدمشماري ڪافي گهڻي هوندي، ۽ آخري ڪلهوڙن، ۽ سندن جاءِ نشين ٽالپرن جي ڏينهن جي آدمشماريءَ کان به گهڻي وڌيڪ هوندي. البت ان ڳالهه جي سچ کي وڌيڪ پرکڻ لاءِ اسان کي ٻين ٻن ڳالهين جو پڻ ايباس ڪرڻو پوندو — (١) ٻوڪ هيٺ ايراضي، ۽ (٢) شهري آدمشماري؛ ٽئين ڳالهه يعني فوجي طاقت جا ڪي به انگ اکر موجود ئي ڪونه آهن.

---

(١) مانريق، جلد ٢، ص ٢٣٣

(٢) ايضاً، ص ٢٤١

## (١) پوک هيٺ ايراضي

ان دور جي زرعي حالتن جو جائزو وٺندي، اسين ڏسي چڪا آهيون(١) ته مغلن جي حڪومت جي شروعات ۾ پوک هيٺ آيل ايراضي ڪنهن به طرح پندرهن لکن ايڪڙن کان گهٽ نه هوندي؛ ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ اها حد وڌي ويهن لکن ايڪڙن جي چوٽيءَ تي پهتي هوندي. جيڪڏهن پوک هيٺ آيل ايراضيءَ سان آدمشماريءَ جي نسبت ٣:٢ هن دور سان به لاڳو ٿئي ته پوءِ پهرئين دور ۾ سنڌ جي آدمشماري ويهن لکن کان به مٿي هوندي، ۽ ٻئين دور ۾ ٽيهن لکن جي لڳ ڀڳ وڃي بيهندي. آدمشماريءَ جي انهن تخمينن کي، سترهين صديءَ جي ڪجھ سالن جي دوران ۾- جڏهن سنڌ پنهنجي خوشحالي ۽ آسودگيءَ جي چوٽيءَ تي هئي- سنڌ جي شهري آدمشماريءَ جي جائزي مان به تائيد ملي ٿي.

## (٢) شهري آدمشماري

ٺٽي جي آدمشماري: هن سلسلي ۾ سڀ کان دلچسپ پهلو انهن بيانن ۽ احوالن مان ملي ٿو، جي مختلف سيلانين، سياحن، ۽ واپاري ايلچين، سنڌ جي ان دور جي مکيه مرڪز، ٺٽي جي خوشحاليءَ ۽ آدمشماريءَ جي باري ۾ قلمبند ڪيا آهن. موريلئنڊ ٻڌائي ٿو ته سترهين صديءَ جي اوائل ۾ يورپ جا سياح ”هندستان جي وڏن شهرن کي عام طرح مغرب جي وڏن شهرن جي درجي ۾ شمار ڪندا هئا.“(٢) ”هندستان جا وڏا شهر گهڻو ڪري شايد اڌائي لکن کان پنجن لکن آدمشماريءَ جي معيار جا هئا.“(٣) هاڻي اسان ڏسي چڪا آهيون ته سترهين صديءَ ۾ جڏهن ٺٽو پنهنجي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جي بلنديءَ تي هو، تڏهن ان کي عام طرح هندستان جي سڀ کان وڏن

---

(١) ڏسو باب پنجون

(٢) موريلئنڊ، ”انڊيا ائٽ دي ڊيٿ آف اڪبر“، ص ١٣

(٣) ايضا

هوند پوري ڪانه پوي!" (١) اسان کي ٿارنٽن کان به پتو پوي ٿو ته ٺٽي جا ڪپڙائي گهر" ته - ماڙ يا چڙهن ماڙين سان آهن." (٢)

انهيءَ مان اسين انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا ته ان وقت ٺٽي جي آدمشماري اڍائي لکن کان ٽن لکن تائين جي حد کان ڪنهن به طرح گهٽ نه هئي. پنجاهه سال پوءِ، اليگزينڊر هئملٽن (١٦٩٩ع)، جو بذات خود ٺٽي ۾ آيو هو، لکي ٿو ته اهو "صوبي جو واپاري مرڪز ۽ هڪ نهايت وڏو ۽ آسودو شهر هو.......... اٿڪل ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو هو." (٣) اها اٽڪل سادا ٤ چورس ميل ايراضي ٺٽي ٿي، ۽ جيڪڏهن اسين سنڌ يا هندستان جي ڪنهن به پراڻي شهر سان ان جي ڀيٽ ڪنداسون، ته معلوم ٿيندو ته ايتريءَ ساريءَ پکيڙ لاءِ اڍائي لکن کان ٽن لکن آدمشماريءَ جو تخمينو ڪنهن به طرح مبالغو نه آهي. انهيءَ ڪري عجب اهو آهي ته ٿارنٽن پنهنجي گزيٽئر (١٨٤٤ع) ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو ته جنهن دور جو حوالو هئملٽن ڏنو آهي، ان دور ۾ ٺٽي جي آدمشماري فقط ڏيڍ لک هئي. (٤) اهو شايد انڪري ٿو ڀائنجي ته اٽڪل ڏيڍ سو سال پوءِ لکندي، هو هڪ اهڙي قديم شهر جي پکيڙ، آسودگيءَ ۽ آدمشماريءَ جي گهٽائيءَ جو پوريءَ طرح قدر سچائي ڪين سگهيو، جو سندس وقت ۾ بنهه زبون حالت ۾ هو. هن اهو نتيجو شايد هئملٽن جي هن بيان جي غلط فهميءَ مان ڪڍيو آهي ته هن جي ٺٽي اچڻ کان ٿورو ئي اڳ پليگ جي موتمار وبا اچي منهن ڪڍيو هو، جنهن "ٺٽي ۽ سندس آسپاس جي علائقي ۾ ايتري ته تباهي آندي، جو رڳو شهر

---

(١) انٽونيو بوڪارو جي سنڌ جي احوال جو ترجمو - ميٽرس مڻ، جي. ايس. ايچ. ايس، جلد ٢، ڀاڱو ٤، ص ٢٤

(٢) ٿارنٽن، "گزيٽئر"، جلد ٢، ص ٢٦٧

(٣) هئملٽن، "اڪائونٽ آف دي ايسٽ انڊيز، ص ٧٥

(٤) ٿارنٽن، "گزيٽئر"، جلد ٢، ص ٢٦٨

۽ ڏڍير جو دور هو. ٻين ڪلهوڙن جو مسلسل گهرو لڙائيون؛ داءُود پوٽن، ٽالپرن ۽ ڪڇ جي حاڪمن سان موتمار چڪريون؛ نادرشاه، احمدشاه ابدالي، زمان شاه، مدد خان ۽ ٻين جون ڪاهون؛ سنڌ جي سمورين صنعتن ۽ واپار جو زوال؛ دريا جي وهڪري جون تباه ڪن ڦيريون گهيريون؛ ٺٽي ۽ ٻين مکيه شهرن جو زوال ۽ لڏپلاڻ؛ اٿلندڙ وبائون، ڏڪار ۽ ٻوڏون؛ ٽالپرن جا ظلم ۽ سندن حڪومت جي بدانتظامي – آبپاشيءَ کي نظر انداز ڪرڻ، ۽ زرخيز زمين کي شڪارگاهن ۾ تبديل ڪرڻ –؛ ٽالپرن جي ڏاڍاين جي ڪري هندن جي لڏپلاڻ وغيره – اهي سموريون ڳالهيون جيڪڏهن آدمشماريءَ کي گهٽائڻ جو سبب نه بڻجن ته اهو هوند عجيب واقعو ٿي پوي!

ڏينهن ۾ معمولي مزور کي ٢ کان ٣ 'دم' روزاني مزوري ملندي هئي. (١) هاڻ اسين ڏسون ٿا ته بي هنر توڙي هنرمند- پنهي قسمن جي مزورن جي مزوري سموري سترهين صديءَ جي دوران ۾ بنهه تبديل ڪانه ٿي ۽ ساڳي رهي.

ارڙهين ۽ اوائلي اڻويهين صديءَ لاءِ معلومات انهيءَ کان به گهٽ ملي ٿي. البت ڊاڪٽر مڪرجيءَ پنهنجي تازي ڪتاب ۾ هيءَ معلومات گڏ ڪئي آهي. (٢) هيٺ ڪجهه معلومات ڏجي ٿي:

## رواجي ۽ هنرمند مزورن جي سراسر مزوري

| سال | رواجي مزور | | هنرمند ڪاريگر | |
|---|---|---|---|---|
| | روزاني مزوري (پئسا) | ماهيانه مزوري (رپيا) | روزاني مزوري (پئسا) | ماهيانه مزوري (رپيا) |
| سترهين صديءَ ۾ | ٣ کان ٤ | ٠-٨-١ کان ٠-٠-٢ | ٩ کان ١٠ | ٠-٨-٤ کان ٠-٠-٥ |
| ١٧٥١-١٧٥٢ع | ٦ | ٠-٠-٣ | ١٠ | ٠-٠-٥ |
| ١٨١٢-١٨٥٠ع | ٥ کان ٦ | ٠-٨-٢ کان ٠-٠-٣ | ١٠ کان ١٢ | ٠-٠-٥ کان ٠-٠-٦ |

انهيءَ مزوريءَ کي مکيه اناج جي شين جي صورت ۾ آڻڻ نهايت دلچسپ ٿيندو، ۽ ان منجهان انهن دورن جي مزورن ۽ ڪاريگرن جي قوت خريد جي تبديلين جو پتو پئجي ويندو.

(١) ''اورنگزيب''، ص ٤٩٢
(٢) مڪرجي، ''ايڪانامڪ هسٽري''، ص ص ٤٠-٥٦

هيٺين فهرست مختلف وقتن تي اناج جو مختلف مقدار ڏيکاري ٿي، جيڪو پورهيت انهن وقتن تي خريد ڪري ٿي سگهيو.

فهرست

| سال | في من قيمت (رپيا) | رواجي مزور: مزوري (رپيا) | رواجي مزور: درماهه ملندڙ مقدار (من) | هنرمند مزور: مزوري (رپيا) | هنرمند مزور: درماهه ملندڙ مقدار (من) |
|---|---|---|---|---|---|
| ١٦٠٠ع | ٠-٥-٠ | ١-٨-٠ کان ٢-٠-٠ | ٥ کان ٦ | ٤-٨-٠ کان ٥-٠-٠ | ١٤ کان ١٦ |
| ١٥-١٧٥٢ع | ٠-١٠-٠ | ٣-٠-٠ | ٥ | ٥-٠-٠ | سادا ٩ |
| (١)١٢-١٨٥٠ع | ٠-٥-٠ | ٢-٨-٠ کان ٣-٠-٠ | ٢-١٢-٠ کان ٣-٨-٠ | ٥-٠-٠ کان ٦-٠-٠ | $5\frac{1}{3}$ کان سادا ٦ |

هن مان ظاهر ٿيندو ته مغلن ۽ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ رواجي مزورن جي به قريب قريب ساڳي حالت هئي، پر پوئين دور ۾ هنرمند پورهيتن يا ڪاريگرن جي حالت ڪافي خراب ٿي ويئي؛ ۽ اهو هن سبب ڪري ٿيو هوندو ته ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري سڄي ملڪ ۾ صنعت کي زبردست ڇيهو رسيو هو: ٻئي طرف ٽالپرن جي دور ۾ رواجي توڙي ڪاريگر پورهيتن جي حقيقي مزوريءَ جو ملهه گهٽي قدر ڪري پيو هو، ۽ ڪانئن اڳيان پورهيت پنهنجي مزوريءَ مان جيڪي خريد

(١) مکرجي، "ايڪانامڪ هسٽري"، ص ٥٠

ڪري سگهيا ٿي، هي آن جي پٽي به مس خريد ڪري ٿي سگهيا.

رواجي ۽ ڪاريگر پورهيتن جي حالت ۾ به اسين اهو فرض ڪري سگهون ٿا ته هنن کي ڪتب پالڻو پوندو هو، ۽ هارين واري حالت جيان، هن ڪٽنبي ايڪي ۾ پڻ پنج ڀاتي هوندا هئا - مڙس، زال، ۽ ٽي ٻار يا ٻيا ڀاتي. مزدورن جي حالت کي هارين سان ڀيٽڻ سان معلوم ٿيندو ته مغلن ۽ اوائلي ڪلهوڙن جي دور ۾، شهر ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت جي حالت زمين تي پورهيو ڪندڙ هاريءَ جهڙي ئي هئي؛ پر ٽالپرن جي ڏينهن ۾ هن جي حالت هاريءَ کان گهٽ پوئتي ۽ خراب هئي. ٻئي طرف ڪاريگر مزور جي حالت ٻنهي دورن ۾، خاص ڪري مغلن جي دور ۾، نسبتاً ڪافي بهتر هئي. البت ٽالپرن جي ڏينهن ۾، رواجي ۽ ڪاريگر پورهيت ٻنهي جي حقيقي ڪمائيءَ ۾ نهايت گهڻي ڪتر پئجي ويئي؛ ۽ شايد اها هاريءَ جي ڪمائيءَ جي ڪتر کان به گهڻي ڪتر هئي، ڇو ته هاري اڄڪلهه جيان ان وقت به گذاري جي سرحد تي گهاريندو هو ۽ جيڪڏهن هن جي انهيءَ گذاري جي حد ۾ ڪتر پوي ها ته سموري زرعي معشيت ئي بنهه تباهه ٿي وڃي ها. جيڪڏهن رواجي ۽ ڪاريگر مزورن جي ناڻي ۾ مزوريءَ جو جائزو وٺبو ته ظاهر ٿيندو ته ڪاريگر مزور جي ڪمائي درماهو سادن ۴ کان ۵ رپين تي ئي بيٺي رهي، پر رواجي مزور جي ڪمائي ۱-۸-۰ ۽ ۲-۰-۰ رپين کان وڌي ۳-۰-۰ رپيا ماهوار وڃي پهتي؛- ۽ ٻنهي جي حقيقي ڪمائيءَ ۾ ڪتر پوڻ جا سبب ڳولڻ ڏکيو نه آهي. رواجي مزور کي هاريءَ وانگر فقط پاڻ کي جيارڻو ۽ گذارو ڪرڻو هو، ٻئي طرف ڪاريگر مزور جي حالت ۾ ڪجهه بچت جي حد هئي جا گهٽجي سگهي ٿي؛ انهي ڪري ڪاريگر مزور جي ناڻي ۾ مزوري گهٽو ڪري ساڳيءَ حد تي بيٺي رهي.

انهيءَ مان اهو به واضح ٿي ٿو وڃي ته ڇو سترهين صديءَ ۾

چار رپيا ماهيانو ڪمائيندڙ ماڻهو پاڻ کي ”اڏو بلند ۽ طاقتور سمجهندو هو، ۽ نوڪريءَ جي آڇ ٺينڊي هيس ته ٺڏي ڇڏيندو هو.“(١) چاڪاڻ ته هن وٽ پنهنجو سڀڪي جهجهو هو، جنهن مان پاڻ ڪجهه بچت ٺيندي هيس.

## فوجي سپاهي

زمين جي مالڪيءَ جو سرشتو هت به ساڳيو يورپ جي وچين دور واري جاگيرداري سرشتي جهڙوئي هو، ان ڪري جنگ جي وقتن ۾ هاريءَ کي ئي فوجي سپاهي بنجڻو پوندو هو، ۽ امن جي وقت ۾ پنهنجي زمين ۽ کيتيءَ سان رڌل رهندو هو؛ هر زميندار ۽ جاگيردار کي ماڻهن جو هڪ مقرر تعداد جنگ لاءِ ڏيڻو پوندو هو. ٽالپرن جي ڏينهن ۾ هڪ پيادي سپاهيءَ جو پگهار، جئن ليفٽيننٽ ليچ لکي ٿو، هڪ سير اٽو، ۽ چار ڏوڪڙ روزانو هوندو هو- هڪ رپئي ۾ چاليهه ڏوڪڙ هوندا هئا.(٢) پوسٽنس جي لکڻ موجب، اهو پگهار روزانو ٽن پينسن(٣) يا ماهيانو ڇئن رپين کان ڪجهه گهٽ جي برابر هو.(٤) ٻئي طرف گهوڙي سوارن کي، انهيءَ کان ٻيڻو پگهار ملندو هو.(٥) انهي کان سواءِ کين ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان ڏنو ويندو هو. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ فوجي سپاهين جي پگهار بابت ڪائي معلومات ڪانه ٿي ملي؛ پر اٿين سمجهڻ غلط نه ٿيندو ته اڳين دورن ۾ به ايترو ڪجهه ئي هوندو. ان مان

---

(١) منوڪي، حوالو سورلي، ص ١٢٩

(٢) ليفٽيننٽ ليچ- ”رپورٽ آن دي سنڌين ٽروپس“، ص ٥

(٣) پوسٽنس، ص ٢٣٣

(٤) اهو حساب هڪ روپيه برابر ٻن شلنگن جي بنياد تي لڳايو ويو (ڏسو پوسٽنس، ص ٢٥٣)

(٥) ليفٽيننٽ ليچ مطابق هر گهوڙي سوار کي روزانو پائلي ملندي هئي، ص ٥

آباديءَ جي لحاظ کان اڳين شهرن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه نه هئا.

اها هئي سنڌ جي حالت، پر رڳو سنڌ ان حالت ۾ ڪانه هئي: هندستان، جيڪو سترهين صديءَ ۾ نه رڳو "ايشيا جي نباٽيندڙ ماءُ هئي، جنهن سنڌس مختلف ملڪن کي پنهنجي چانورن ۽ خام ڪپهه سان تانيو نباڻيو هو، بلڪ سموري دنيا جو هڪ صنعتي ڪارخانو هو"(١) - ان جي معيشت ۾ به هڪ انقلاب اچي ويو، ۽ ان کي هڪ اهڙيءَ نئين راهه تي هلڻو پيو، جتي صنعتون ختم ٿينديون ويون، ۽ کيس زراعت جو وڏو سهارو وٺڻو پيو:(٢) ۽ ان لاءِ پڻ اهي ساڳيا سبب جوابدار هئا، جيڪي سنڌ سان لاڳو هئا. انهيءَ ڪري سنڌ جي اقتصادي زوال جو مسئلو، هڪ عام ۽ مجموعي زوال جو حصو هو، جيڪو سموري ملڪ تي اچي ڪڙڪيو هو. انگريزن جي راڄ سان، سنڌ هڪ نئين دور ۾ پير پاتو، پر اهو دور اسان جي اڀياس جي دور کان ٻاهر آهي.

---

(١) مکرجي، ايڪانامڪ هسٽري آف انڊيا

(٢) ايضاً، ص ١٨٣

# ضميمو الف (١)

## تاريخي واقعن جو اختصار

| سنڌ جي تاريخ جا واقعا | هند وغيره جي تاريخ جا واقعا. |
| --- | --- |
| ١٥٩٢ع ۾ اڪبر سنڌ کي پنهنجي سلطنت سان ملايو. | ١٥٩٢ع ۾ اوڙيسا اڪبر جي سلطنت سان ملايو ويو. |
| ١٦٠٠ع ۾ بکر جي محمد معصوم ”تواريخ سنڌ“ لکي. | ١٦٠٠ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو بنياد پيو. |
| ١٦٠٥ع ۾ شڪاربور ۽ اتر سنڌ ۾ دائود پوٽا ڪهراڻي جو عروج. | ١٦٠٥ع ۾ اڪبر جي وفات ۽ جهانگير جي تاجپوشي. |
| ١٣-١٦١٤ع ۾ نڪولس وٿنگٽن جو سنڌ ۾ اچڻ. | ١٣-١٦١٥ع سورت ۾ پهرين انگريزي ڪوٺي برپا ٿي ۽ سرٿامس رو ايلچي ٿي آيو. |
| ١٦٢١ع ۾ مير طاهر محمد نسياني ”تواريخ طاهري“ لکي. | |
| | ١٦٢٢ع ۾ قندار تي ايرانين جو قبضو ۽ شهزادي خرم (شاه جهان) جي بغاوت. |

(١) ورتل ونسنٽ سمٿ جي ”آڪسفورڊ هسٽري آف انڊيا“، ڪننگهام جي ”آئوٽ لائينس آف انگلش انڊسٽريل هسٽري“، ۽ سورلي جي ”شاهه عبداللطيف آف ڀٽ“ تان

| | |
|---|---|
| ١٦٢٥ع ۾ امير سيد قاسم بيگلر "بيگلرنامو" لکيو. | ١٦٢٥ع ۾ شاهه جهان ٻي جي پيش پيو. |
| ١٦٣١ع ۾ ڊچن سنڌ ۾ واپار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. | |
| ١٦٣٥ع ۾ ٺٽي ۾ انگريزن ڪوٺي قائم ڪئي. | |
| | ١٦٣٦ع ۾ شاهه جهان گولڪنڊي ۽ بيجاپور سان عهدناما ڪيا. اورنگزيب دکن جو حاڪم مقرر ٿيو. |
| ١٦٤١ع ۾ مارنق سنڌ ۾ آيو. | ١٦٤١ ۾ شاهه جهان مسٽر ڊي (انگريز واپاري) کي مدراس جو پروانو ڏنو. |
| ١٦٥١-٤٨ع ۾ اورنگزيب ملتان ۽ سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. | ١٦٥١-٤٨ع ۾ مغلن جو تختگاهه آگري مان تبديل ٿي دهلي ٿيو. ايرانين قنڌار تي قبضو ڪيو. انگلنڊ ۾ جهازرانيءَ جا قانون پاس ٿيا. |
| ١٦٥٢ع ۾ ڊچ واپار ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ موٽي آيا. | |
| ١٦٥٥-٥٤ع سيد جمال "ترخان نامو" لکيو. | ١٦٥٥-٥٤ع ۾ اورنگزيب گولڪنڊي کي گهيرو ڪيو. چتور جون ديوارون تباهه ڪيون ويون. |

١٦٥٨ع ۾ مغل باد شاهت جي
تخت جي سوال تي گهرو
لڙائي شروع ٿي. دارا
کي شڪست آئي، ۽ هو
سنڌ ۾ ڀڄي آيو. ڪلهوڙن
جي مغل لشڪر سان
جنگ ٿي.

١٦٥٩ع ۾ وينس جو سياح نڪولس
مارڪوني سنڌ ۾ آيو.

١٦٦٢ع ۾ انگريزن سنڌ ۾
پنهنجي ڪوٺي بند ڪري
ڇڏي.

١٦٩٩ع ۾ ڪئپٽن هئملٽن سنڌ
۾ آيو.

١٦٥٨ع ۾ بهادرپور جي تاريخي
جنگ لڳي- ۽ شجاع
کي شڪست ملي.

١٦٥٩ع ۾ اورنگزيب تخت تي
ويٺو.

١٦٦٤ع ۾ شيواجيءَ پهريون ڀيرو
سورت تي قبضو ڪيو.
فرينچ انڊيا ڪمپنيءَ جو
بنياد پيو.
١٦٦٨ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ
بمبئي قبضي ۾ آندي.
١٦٧٤ع ۾ شيواجيءَ جي تاجپوشي-
۽ پانڊيچريءَ جو بنياد
پيو.
١٦٩٠ع ۾ انگريز بنگال ۾ موٽي آيا،
۽ ڪلڪتي جو بنياد پيو.
١٦٩٤ع ۾ بئنڪ آف انگلنڊ جو
جو بنياد پيو.

١٧٠١ع ۾ يارمحمد ڪلهوڙي
اورنگزيب کان پروانو
حاصل ڪيو. اتر سنڌ
۾ داؤدپوٽن کي شڪست
آئي.

١٧٠٢ع ۾ هڪ ٻي جي مخالف
ايسٽ انڊيا ڪمپنين
جو پاڻ ۾ صلح ٿيو.

١٧٠٧ع ۾ اورنگزيب وفات ڪئي.

١٧١٠ع ۾ سکن بهادرشاهه جي
خلاف بغاوت ڪئي.

١٧١١ع ۾ يارمحمد ڪلهوڙي
اترسنڌ ۾ پنهنجي طاقت
وڌائي.

١٧١٩ع ۾ يارمحمد ڪلهوڙي
وفات ڪئي. نورمحمد
ڪلهوڙي "خدايارخان"
جو لقب اختيار ڪيو.

١٧١٩ع ۾ فرخ سير قتل ٿيو.
ان بعد محمد شاهه
تخت تي ويٺو.

١٧٣٦ع ۾ نورمحمد ڪلهوڙو
سنڌ جو صوبيدار ٿيو.

١٧٣٧ع ۾ دهليءَ جي آسپاس
مرهٽن جي فوج پهتي.

١٧٣٩ع ۾ سنڌ تي نادرشاهه جي
ڪاهه ۾ سنڌ ايران جي
ماتحت ٿي ويئي.

١٧٣٩ع ۾ نادرشاهه دهليءَ کي
تباهه و تاراج ڪيو.

١٧٤١ع ۾ حيدرآباد جي باني
آصف جاهه وفات ڪئي.

ايڪسلا چئپيل جو عهدنامو ٿيو ۽ آسٽريا جي وراثت جي جنگ ختم ٿي. احمد شاهه هندستان تي حملو ڪيو.

١٧٤٩ع ۾ انگريزن کي مدراس واپس مليو.

١٧٥٠ع ۾ سنڌ، احمد شاهه درانيءَ جي افغان بادشاهت ۾ شامل ڪئي ويئي.

١٧٥٤ع ۾ احمد شاهه دراني سنڌ تي ڪاهه ڪئي: نورمحمد ڀڄي ويو ۽ وفات ڪيائين.

١٧٥٤ع ۾ ڊيوپلي کي واپس گهرايو ويو ۽ ٻي انگريز - فرينچ لڙائي پوري ٿي.

١٧٥٦ع ۾ يورپ ۾ ستن سالن واري لڙائي شروع ٿي. پنجاب ۾ سکن جي بغاوت.

١٧٥٨-٥٧ع سنڌ ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي، جنهن ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي کي فتح نصيب ٿي.

١٧٥٧ع ۾ پلاسيءَ جي لڙائي لڳي ۽ انگريزن بينگال تي قبضو ڄمايو.

١٧٥٨ع ۾ ٺٽي ۾ انگريزن جي ٻي ڪوٺي برپا ٿي.

١٧٥٨ع ۾ مرهٽن پنجاب تي قبضو ڪيو.

١٧٦١ع ۾ مرهٽن ۽ افغانن جي وچ ۾ پاڻيپٽ واري تي لڙائي لڳي.

١٧٦٨ع ۾ غلام شاه ڪلهوڙي حيدرآباد جو بنياد وڌو.

١٧٦٦-٦٧-٢٨ع } علي شيرقانع
١٧٧٣ع } "تحفة الڪرام"
لکيو.

١٧٧١ع ۾ غلام شاه ڪلهوڙي وفات ڪئي.

١٧٧٥ع ۾ سنڌ ۾ بدانتظامي شروع ٿي. ٺٽي ۾ انگريزن جي ڪوٺي بند ڪئي ويئي.

١٧٧٦ع ۾ سرفراز ڪلهوڙي کي بدانتظاميءَ جي ڪري تخت تان لاٿو ويو.

١٧٧٨ع ۾ غلام نبي ڪلهوڙي سنڌ جي حڪومت جون

١٧٦٧ع ۾ حيدرعليءَ ۽ نظام کي ترچناپلي وٽ ڪرنل جوزف سمٿ شڪست ڏني.

١٧٦٩ع ۾ مدراس جو عهدنامو ٿيو ۽ پهرين ميسور واري لڙائي پوري ٿي.

١٧٧٠ع ۾ بنگال ۾ خطرناڪ ڏڪار پيو.

١٧٧١ع ۾ وارن هيسٽنگس بنگال جو گورنر مقرر ٿيو.

١٧٧٤ع ۾ روهيلا جنگ لڳي.

١٧٧٥ع ۾ نندڪمار وارن هيسٽنگس تي تهمتون هنيون جنهن تي مقدمو هليو. پهرين مرهٽا لڙائي لڳي. بنارس پرڳڻو انگريزن جي قبضي ۾ آيو.

١٧٧٦ع ۾ تيرهن امريڪي ڪالونين خود مختيار ٿيڻ جو اعلان ڪيو. مرهٽن سان پورنڌر جو عهدنامو ٿيو.

١٧٧٨ع ۾ انگريزن ۽ فرينچن جي لڙائي لڳڻ ڪري هندستان ۾ فرينچ

واڳون ورتيون. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي گهرو لڙائي شروع ٿي.

ڪالونيون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قبضي ۾ آيون.

١٧٧٩ع ۾ فرانس ۾ انقلاب آيو

١٧٨٠ع ۾ ڪمپنيءَ جي فوجن گواليار تي قبضو ڪيو. حيدرعليءَ ڪرناٽڪ تي حملو ڪيو. انگلنڊ ۾ واپار جي آئرلنڊ تان بندش لٿي.

١٧٨١ع ۾ افغان لشڪر سنڌ مان ڍل اڳاڙڻ لاءِ ڪاهه ڪري آيو.

١٧٨٢ع ۾ عبدالنبيءَ کي تخت وٺي ڏيڻ لاءِ مدد خان سنڌ تي ڪاهي آيو.

١٧٨٢ع ۾ سالبيءَ جو تاريخي عهدنامو ٿيو، جنهن ۾ هندستان ۾ انگريزي راڄ جو بنياد پيو.

١٧٨٣ع ۾ آخرين طرح ٽالپر طاقت ۾ اچي ويا ۽ مير فتح علي سنڌ جو ”حاڪم“ بڻيو.

١٧٩٢ع ۾ قلات جي خان کان ڪراچي واپس ورتي ويئي.

١٧٩٢ع ۾ بنگال دائمي بيٺڪ بڻيو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي نئون اجازت نامو مليو. فرانس انقلابي لڙاين جي دور ۾ داخل ٿيو.

١٧٩٩ع ۾ ٽين ميسور جي جنگ لڳي - ٽيپوءَ کي آخري شڪست ملي.

١٨٠١ع ۾ مير فتح عليءَ وفات ڪئي.

١٨٠١ع ۾ ڪرناٽڪ کي انگريزي سلطنت سان ملايو ويو.

١٨٠٣ع ۾ ٻي مرهٽي لڙائي شروع ٿي.

١٨٠٥ع ۾ ڀرتپور جو گهرو ناڪامياب ٿيو - لارڊ ويلزلي کي واپس گهرايو ويو.

١٨٠٩ع ۾ انگريزن سان سنڌ جي دوستيءَ جو عهدنامو ٿيو.

١٨٠٩ع ۾ راجا رنجيت سنگهه سان امرتسر جو عهدنامو ٿيو.

١٨١٣ع ۾ جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ ورتو ويو.

١٣١٨ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو چارٽر (اجازت نامو) نئون ٿيو. لارڊ منٽو رٽائر ڪيو.

١٨١٧ع ۾ ٽين مرهٽا لڙائي لڳي.

١٨٢٠ع ۾ انگريزن سان دوستيءَ جو ٻيو عهدنامو ڪيو ويو.

١٨٢٣ع ۾ رنجيت سنگهه ملتان، ڪشمير ۽ پشاور جو حاڪم بڻو.

١٨٢٨ع ۾ ڪرم عليءَ وفات ڪئي.

١٨٢٨ع ۾ لارڊ وليم بينٽڪ هند جو گورنر جنرل مقرر ٿيو.

١٨٣٥ع ۾ بينٽڪ رٽائر ڪيو.

١٨٣٦ع ۾ رنجيت سنگهه اتر سنڌ تي ڪاهه ڪئي.

١٨٣٧ع ۾ راڻي وڪٽوريا تخت تي ويٺي.

١٨٣٨ع ۾ انگريزي فوجن جو هڪ دستو زبردستيءَ دريا ٽپي آيو.

١٨٤١ع ۾ مير نور محمد وفات ڪئي.

١٨٤١ع ۾ برنس قتل ٿيو.

١٨٤٣ع ۾ سنڌ کي انگريزي راڄ سان ملايو ويو.

١٨٤٤ع ۾ لارڊ ايلنبرو کي واپس گهرايو ويو.

---

اچي جاڳيو هو. ”خدا ڪري ته منهنجي هيءَ بيماري صحت ۾ بدلجي پوي، ته آءٌ ٺٽي جي ماڻهن کي زير ڪريان. پر جي خدا جي مرضي آهي ته مون کي پاڻ وٽ گهرائي وٺي، ته هيءَ تمنا هميشه هميشه لاءِ منهنجي دل ۾ رهجي ويندي!“ (١) - هي هئا لفظ، جي محمد شاه تغلق زندگيءَ جي آخري سالن ۾ چوندو هو. حقيقت ۾ محمد شاه تغلق ٺٽي تي ڪاهڻ جي ڏکي ۽ خطرناڪ مهم هٿ ۾ به کنئي، پر جيئن قسمت کي ڪرڻو هو تيئن ٿي ٿيو. ”هو پنهنجي هن عزيز ترين خواهش کي پورو ڪرڻ کان سواءِ مري ويو.“ (٢) ٺٽي جو شان اهڙو هو، جو محمد شاه تغلق جو جاءِ نشين فيروزشاه وقت بوقت ٺٽي تي ڪاهڻ جو سوچيندو هو. مورخ اسان کي ٻڌائين ٿا ته ”جڏهن به هو هن شهر جو ذڪر زبان تي آڻيندو هو، تڏهن پنهنجا هٿ ڏاڙهيءَ تي ڦيري حسرت وچان چيءُ ڏيندو هو ته هزار افسوس جو سندس پيش رو بادشاه انهيءَ کي فتح نه ڪري سگهيو!“ (٣) ٺٽي جو شهر بيشڪ هڪ املهه موتي هو- ڏهن سالن جي ايتري ٿوري عرصي ۾ يا هڪ سال اندر- ۽ سو به عهد وسطيٰ جي زماني ۾ — ٺٽي جو ايترو عروج قابل يقين ڪين نظر ايندو. انهيءَ لاءِ قابل اطمينان جواز اهوئي ٿي سگهي ٿو، ته ٺٽي جو شهر سمن جي طاقت ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ وجود ۾ آيو هو، ۽ رفتي رفتي عروج جون منزلون طي ڪندو- آخر سمن جي دور ۾- جن پنهنجي هن تخت گاهه کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ خرچ ڪرڻ يا محنت ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي هئي- هن شهر اهو امتياز حاصل ڪيو، جنهن نه رڳو سندس نالي، بلڪ سڄي سنڌ جي ناموري ۽ ناموس ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

ابن بطوطه جي ٺٽي جي وجود بابت خاموشيءَ جو جواز به

(١) ايليٽ، جلد ٣، ص ٣٢٠

(٢) ايضاً، ص ٣٢٠

(٣) ايضاً، ص ٣١٩

تفريح ۽ خوشحاليءَ جو مقام هو.(١) نيرون به هڪ شاهوڪار ۽ آسودو شهر هو- سندس بچاءَ جو جوڳو بندوبست ٿيل هو.(٢) دور (الور) هڪ وڏو شهر هو ۽ وسعت جي لحاظ کان ملتان جي مقابلي جو شهر هو.(٣) الادريسيءَ جي ڪتاب ۾ هن جڳهن جو ايترو سارو ذڪر ٿيل آهي، پر ڻني لاءِ فقط هڪ رواجي حوالو آهي- ۽ ان تي ڪابه خاص راءِزني نه ڪئي ويئي آهي. انهيءَ بنياد تي اهو خيال ڪري سگهجي ٿو ته ٺٽي جو بنياد ١٢ صديءَ کان ڪجهه اڳيرو پيو، ۽ نه ١٣٥٠-٤٠ع ڌاري، جئن ريورٽي ۽ هيگ اسان کي يقين ڏيارڻ گهرن ٿا.

---

(١) ايليٽ، جلد ١، ص ٧٨

(٢) ايضاً، ص ٧٨

(٣) ايضاً، ص ٧٩

## ضميمو (ج)(١)

### ٽالپرن جي فوجي طاقت

١٨٣۷ع ۾ ليفٽيننٽ ليچ ٽالپرن جي فوجي طاقت جو جيڪو ڪاٿو لڳايو هو، سو هيٺين(١) ريت آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ٦٨٦٠٠ |
| شهاڻي | ١١٠٠ | جمالي | ٩٠٠٠ |
| جوکيا | ٦٠٠٠ | الڪاڻي | ١٠٠٠ |
| رند | ٣٠٠٠ | کبول | ١٥٠٠ |
| مزاري | ٥٠٠ | کوسا | ١٨٠٠ |
| هندگ | ٥٠٠ | بگ | ١٠٠٠ |
| کتياڻ | ١٠٠٠ | پرگڙي | ٨٠٠ |
| چلگري | ٥٠٠ | باگراڻي | ١٠٠٠ |
| لوهڙيا | ۷٠٠٠ | ٽالپر | ٢٢٠٠ |
| چانڊيا | ٨٠٠٠ | گاڏهي | ۷٠٠ |
| لغاري | ١۴٠٠٠ | بڙدي | ١٨٠٠ |
| جلالاڻي | ۴٠٠٠ | لاشاري | ٢٠٠٠ |
| مري | ۷٠٠٠ | ڪرمتي | ۴٠٠٠ |
| نظاماڻي (نداماڻي) | ١٦٠٠٠ | ڏومبڪي | ٨٠٠٠ |
| | ٦٨٦٠٠ | | ١٠۴۴٠٠ |

(١) ليچ - "رپورٽ آن دي سنڌين آرمي"

# ضميمو (ه)

## درآمد ۽ برآمد
## (۱۹۳۸ع)

## ڪراچي
### درآمد
### بمبئيءَ کان

| جنس | مڻ | في مڻ رپيا | رپيا |
|---|---|---|---|
| کنڊ | ۴۰۰۰ | ساڍا ۱۲ | ۵۰۰۰۰ |
| (بنگال، چين، منيلاءِ بٽيويا) | | | |
| مصري | ۲۵۰ | ۱۸ | ۴۵۰۰ |
| مرچ | ۳۲۵۰ | ۱۵ | ۴۸۷۵۰ |
| ناريل | ۲۰۰۰۰۰ | | ۳۳۵۰ |
| ڪيسر | ۲۰۰ | ۱۰ | ۲۰۰۰ |
| سوپاريون | ۱۰۰ | ۵ | ۵۰۰ |
| سينڌر | ۲۵۰ | ۱۰ | ۲۵۰۰ |
| (اڇو ۽ ڳاڙهو) | | | |
| شيهو | ۲۵۰ | ۱۰ | ۲۵۰۰ |
| رنگ (آڇو) | ۵۰۰ | ۱۱ | ۵۵۰۰ |
| رنگ (سادو) | ۵۰ | ساڍا ۹ | ۴۷۵ |
| لوهه | ۱۵۰۰ | ٦ | ۹۰۰۰ |
| ٽامو | ۱۰۰۰ | ۵۴ | ۵۴۰۰۰ |
| پارو | ۴۵۰ پائونڊ | في پائونڊ ۲ | ۹۰۰ |
| ٿونا، مصالحو وغيره | ۷۵ مڻ | في مڻ ۱۴۰ | ۱۰۵۰۰ |

| جنس | مڻ | في مڻ رپيا | رپيا |
|---|---|---|---|
| ڪچو ريشم، رڱيل (ڀھريون قسم)(بنگال ۽ چين) | ۲۰۰ | ۶۰۰ | ۱۲۰۰۰۰ |
| ڪچو ريشم رڱيل (قسم ۲) | ۸۰۰ | ۱۶۰ | ۱۲۸۰۰۰ |
| عمارتي ڪاٺ | ۵۰۰ گز في گز ۲۰ | | ۱۰۰۰۰ |
| عاج | ۴۵۰ مڻ في مڻ ۱۶۰ | | ۶۴۰۰۰ |
| سنا | ۵۰۰ | ۶ | ۳۰۰۰ |
| ("ميمائر": از ڪارليس، بمبئي رڪارڊس ۱۷، جلد ٻيو، ص ص ۱۹۸–۲۰۰) | | | |
| تلھي ڪنڊ (مالباري ڪناري ڪان) | ۵۰۰ | ۷ | ۳۵۰۰۰ |
| چيني ڪاغذ | ۵۰ پيتيون، في پيتي ۵۰ | | ۲۵۰۰ |
| انگريزي ٽين | ۵۰۰ مڻ، في مڻ ۴۰ | | ۲۰۰۰۰ |
| صندل جو ڪاٺ | ۵۰ | ۳۰ | ۱۵۰۰ |
| لوھي ٿانو ۽ ڪنجيون | ۲۵۰ | ۱۲ | ۳۰۰۰ |
| ڪسون (ڳاڙھي رنگ جو قسم) | ۱۵۰ | ۲۵ | ۳۷۰۰ |
| ڏونگھيون | ۵۰۰۰ | ۵ | ۲۵۰۰۰ |
| لين | ۵۰۰ | ۳۵ | ۱۷۵۰۰ |
| ايريو (دوا جو ھڪ قسم) | ۱۵۰ | ۴۰ | ۶۰۰۰ |
| ڳدامري | ۳۰۰ | ۲۱-۶-۰ | ۶۵۰ |

## گزرات (گجرات؟) ڪان

| | | |
|---|---|---|
| ڪپھ | ۲۵۰۰ مڻ، في مڻ ۱۵ | ۳۷۵۰۰ |

| جنس | من | في من رپيا | رپيا |
| --- | --- | --- | --- |
| | **ايراني ڌار ڪان** | | |
| کجور | ٢٠٠٠٠ من | ڏيڍ رپيو | ٣٠٠٠٠ |
| کجور سڪل | ٢٠٠٠٠ | سادا ٣ | ٧٠٠٠٠ |
| موتي | | | ٧٥٠٠ |
| سڪل ليما | ٢٠٠ | ۴ | ٨٠٠ |
| سڪل گلاب | ٢٥٠ | ١٠ | ١٥٠٠ |
| ٻانڌا | ١٥٠٠، في ٻانڌو | ٨٠ | ١٢٠٠٠٠ |
| سوٽي ڪاٽ | | | ١٢٥٠ |
| سڪل ميوو | ٧٥٠ من | في من ۴ | ٣٠٠ |
| بادام | ١٠٠ | ٨ | ٨٠٠ |
| ڌاڙهون ۽ جون کلون | ١٠٠٠ | ٣ | ٣٠٠٠ |

ٻمٻئي ڪان: ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو وغيره، جن ۾ ماداپولم ۽ ڍڳهو ڪپڙو مکيه هو، لونگيون، ڍڳهو ڪپڙو، بنگال ۽ چين جا ريشمي رومال، رنگين سوٽي رومال، سونهري، گلدار ۽ سادئون جامدانيون، انگريزي، فرانسي ۽ چيني سادو گلدار ريشمي ڪپڙو، چيني سٽين، سفيد ريشمي ڪپڙو (ڪمبرڪ)، ڪئمليٽ (ريشم ۽ اٺ جي ڏاس مان ٺهندڙ ڪپڙو)، بنگال جون ريشمي ساڙهيون، سوٽي بخمل، ململون، جاڪونيٽ يا جڳناٿي سادو، گلدار يا ڪتاب وانگر ٺهرتيل ڪپڙو، سورت جو ڪيمخواب؛ مختلف رنگن جون ڇيٽون، چادرن جو ڪپڙو، انگريزي ٿلهو ۽ سنهو مختلف رنگن جو سوٽي ڪپڙو، باريڪ ريشمي ڪپڙو، معمولي انگريزي شالون: ٦٠٠٠٠٠

| جنس | مڻ | في مڻ رپيا | رپيا |
|---|---|---|---|
| **اتر سلگ مان** | | | |
| نماڪ | ٢٠٠ | ٨ | ١٦٠٠ |
| ٿلهو سوٽي ڪپڙو | | | ٣٠٠٠ |
| **لس ڪان** | | | |
| ڪتر | ١٢٠٠٠ | ١-١٠-٠ | ١٩٥٠٠ |
| | | متين٤ درآمد جو جملي ملهه | ١٠٩٩٦٢٥ |
| **در آمد** | | | |
| گيهه | ١٠٠٠٠ | ١٧ | ١٧٠٠٠٠ |
| اَن | ٣٥٠٠ | ٢٠ | ٣٥٠٠٠ |
| گگر | ٥٠٠٠ | ادائي | ١٢٥٠٠ |
| پرويزو (ڪاڙهي رنگ جو هڪ قسم) | | | ٦٠٠٠ |
| موگي (ڪاڙهي رنگ جو هڪ قسم) | ٣٠٠٠ | ١٥ | ٤٥٠٠٠ |
| ڪشمش | ٤٠٠٠ | ٨ | ٣٢٠٠٠ |
| جيرو | ١٠٠٠ | ١٠ | ١٠٠٠٠ |
| نير | ١٦٠ | ٧٥ | ١٢٠٠٠٠ |
| نيلي ٻج | ١٠٠٠٠ خرار | ٧٠ في خرار | ٧٠٠٠٠ |
| ڪڻڪ | ١٥٠٠ خرار | ٤٥ في خرار | ٦٧٥٠٠ |

| جنس | مڻ | في مڻ رپيا | رپيا |
| --- | --- | --- | --- |
| لوڻيل مڇي، ڪاڌ مڇيءَ جي چربي، ۽ شارڪ مڇيءَ جون ڪنيڙاليون، وغيره | | | ٣٠٠٠٠ |
| لونگيون | | | ٥٠٠٠ |
| مڇيءَ برآمد جو جملي ملهه | | | ٥۴٧٠٠٠ |
| آفيم بندر تي لئل ٥٠٠ آٽ-بار، هر هڪ بار ۾ ٨ مڻ، في مڻ ۴٠٠ | | | ١٦٠٠٠٠٠ |
| آفيم سوڌي مڙني واپار جو ڪل ملهه | | | ٣٧،۴٦،٦٢٥ |

# ضميمو (و)

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي انهن جهازن مان ڪن جا نالا، جيڪي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي دوران ۾ سنڌ سان واپار ڪندا هئا: *

| | جهاز | مقدار (ٽنن ۾) | ماڻهو | توپون |
|---|---|---|---|---|
| ١٦٦٢-٣٥ع | لنڊن | ٤٠٠ | ٩٦ | ٣٠ |
| | ايڪسپيڊيشن | ١٢٥ | .... | .... |
| | وليم | ٣٥٠ | .... | .... |
| | رنگل | ٤٠٠ | ٩٠ | ٢٤ |
| | ڊسڪوري | ٣٠٠ | ... | .... |
| | هوپ ويل | ٢٤٠ | .... | .... |
| | هارٽ | ٢٢٠ | .... | .... |
| | ميري | ١٥٠ | .... | .... |
| | لئناريٽ | ١٦٠ | .... | .... |
| | بليسنگ | ٢٢٠ | .... | .... |
| ١٧٦٠-٥٨ع | روينج شپ | ٤٧٠ | ١٦٠ | ٢٠ |
| | بامبي گرئب | ٣٦٣ | ١٢٠ | ٢٠ |
| | ڊريڪ ڪيچ | ٢٢٠ | ٧٦ | ١٤ |
| | سڪسيس ڪيچ | ١٤٥ | ٤٢ | ١٢ |
| | لارڊر گرئب | ٢٠٠ | ٤٢ | ١٢ |
| | ٽائيگر گاليٽ | ٤٣ | ٢٠ | ٥ |
| | ڊوالو گنلي | ١٦٠ | ٤٢ | ١٤ |

* ورتل بالڪرشنا تان، ص ص ٣٢٥، ٣٤٠-٣٤٢؛ ۽ سورلي، ضميمو پهو، ص ص ١٨٧

**شڪارپور ڪان؛**

| | |
|---|---|
| ڪابل جو بَٽُ | ٥٠٠٠٠ |
| قلات جو موڳي رنگ | ٣٠٠٠٠ |
| سڪل ميوو | ٥٠٠٠ |
| آفيم (مقامي) | ٥٠٠٠ |
| **ملتان ۽ ٻهاولپور ڪان؛** | |
| ريشم، ڪريبون ۽ ڪلبدن ڪپڙو | ٣٠٠٠٠ |
| | ٨٥٠٠٠ |
| ڪل | ٣٢٠٠٠٠ |

**ٻر آمد**

انگ اکر موجود نه آهن.

---

اليگزينڊر برنس: نمبر ٣، "حيدرآباد ۽ لاڙ جو واپار"، مضمون نمبر ٨

# شڪارپور (١)

درآمد

**ڪراچيءَ کان:**

| | |
|---|---|
| انگريزي مال، ململ | ٣٠٠٠٠ |
| کنڊ | ٨٠٠٠٠ |
| مصالحا، پسارڪو سامان ۽ ڌاتو | ١٠٠٠٠٠ |
| ڪل | ٢١٠٠٠٠ |

**برآمد**

انگ اکر موجود نه آهن.

(١) اليگزينڊر برنس: نمبر ٤، "شڪارپور ۽ اتر سنڌ جو واپار" مضمون ٥

# حيدرآباد

## درآمد

| | رپيا | رپيا |
|---|---|---|
| **بمبئيءَ کان:** (خاص ڪري انگريزي مال): | | |
| پٽيو يا هرڪ | ١٠٠٠٠٠ | |
| چيٽون | ٤٠٠٠٠ | |
| بخمل، اوني ۽ ٻيو ڪپڙو | ٤٠٠٠٠ | |
| | | ١٨٠٠٠٠ |
| ڌاتو: خاص طور ٽامو | | ٤٥٠٠٠ |
| کنڊ ۽ مصالحا، وغيره | | ٢٥٠٢٠ |
| | | ٢٥٠٠٠٠ |
| **عربستان کان:** | | |
| کجور ۽ سڪل ميوا | ٢٠٠٠٠ | |
| **مارواڙ کان:** | | |
| ڪپهه | ٢٠٠٠٠ | |
| اڇو ۽ ڳاڙهو ٿلهو سوٽي ڪپڙو | ١٠٠٠٠ | |
| جيپور ۽ احمدآباد جا ڪمخواب | ٢٥٠٠٠ | |
| **ڪڇ کان:** | | |
| ڪپهه ۽ ٻيو مقامي تيار ٿيندڙ مال، خاص ڪري ٿلهو ڪپڙو | ١٠٠٠٠ | |
| | | ٥٥٠٠٠ |
| عاج، وغيره | ١٠٠٠٠ | |

# ضميمو پهريون

## (باب پنجين سان لاڳو)

ھيٺ رپئي جي خريدي ملھ (قوت خريد) ۾ تبديل جا ڏسڻا انگ Index numbers ڏجن ٿا، جي ڊاڪٽر راڌا ڪمل مڪرجيءَ ڏنا آھن. (ڏسو: ھندستان جي اقتصادي تاريخ، ١٦١٠—١٨٠٠ع، ص ٤٧٠)

| سال | ڏسڻو انگ |
|---|---|
| ١٦٠٠ع | ١٠٠ |
| ١٦٥٠ | ١٠٠٫٠ |
| ١٧٢٠ | ١٥٨٫٩٦ |
| ١٨٠٧ | ١٤٫٥ |
| ١٨٢٠—١٣ | ٢٥٫٩ |
| ١٨٣٠—٢١ | ٢٧٫٧٤ |
| ١٨٤٠—٣١ | ٢٤٫٩٤ |
| ١٨٥٠—٤١ | ٣٠٫٤٨ |
| ١٨٦٠—٥١ | ٣٠٫٢ |
| ١٨٧٠—٦١ | ١٨٫٦٦ |
| ١٨٨٠—٧١ | ١٨٫١٦ |
| ١٨٨٠ | ١٩٫٠٨ |
| ١٨٩٠ | ١٤٫٦٦ |
| ١٩٠٥ | ١٥٫٦٦ |
| ١٩١١ | ١٤٫١٤ |
| ١٩١٦ | ٩٫٩٥ |
| ١٩٢٨ | ٧٫٣٤ |
| ١٩٣٤ | ١٤٫٨٩ |
| ١٩٣٨ | ١٣٫١ |

## ضميمو ٻيو

### (باب پنجين سان لاڳو)

في من ٠-٥-٠ قيمت هيٺين ريت ڪٿي ويئي آهي:

ڊاڪٽر مڪرجيءَ، مکيه کاڄ جي اناجن جون قيمتون، هڪ رپئي ۾ حاصل ٿيندڙ سيرن (هاٿوڪن) جي تعداد جي حساب سان ڪٿيون آهن، جي هيٺين ريت آهن:

| سال | | جَوَ | ڪڻڪ | جوڙر | ٻاجهر | چڻا | چانور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١٩٠٠ | (اتر هندستان) | ١٣٥٤٦ | ٩.٤۴ | ١.٨٤٥ | ١٠٨٠٤٨ | ١٣٥٤٦ | ٥۴٤٢ |
| ١٦٥٠ | ” | ١.٠٦٤٠ | ١.٠٧٤٠ | ١٢٨٤۴ | ٢١۴٤٠ | ١٦٠٤٠ | ٦۴٤٢ |

تخميني سان، هڪ رپئي ۾ اٽڪل ١٢٠ سير ٿين ٿا.

يعني ٠-٥-٠ في من.

# ضميمو ٽيون

## (باب پنجين سان لاڳو)

آن دور (١٧٧٦-٢٩ع) جي مکيه اناجن جون قيمتون اٽڪل ٠-١-٠٠ مڻ جي حساب تي ڪٿيون ويون آهن. ان مان اهو ثابت ٿيندو ته ڪلهوڙن جي دور جي گهڻي ڀاڱي ۾، رپئي جو ملهه، مغلن جي دور جي ڀيٽ ۾ ٥٠ سيڪڙو وڌيڪ رهيو هو. ڊاڪٽر مڪرجيءَ جون ڪٿيل اناج جون قيمتون هيٺ ڄاڻائجن ٿيون.

في رپئي ۾ سراسري اناج
(م = مڻ)
(س = سير)

| اناج | ١٧١٢ع (م س) | ١٧٢٩ع (م س) | ١٧٣٨ع (م س) | ١٧٥١ع (م س) | ١٧٥٤ع (م س) |
|---|---|---|---|---|---|
| ٽلها چانور | ١٠٠ | ٣٠٣ | ٣ . | ١٨١ | ١ . |
| ڪڻڪ | ٢٠٠ | ٣٠٣ | — — | ١٨١ | — — |

| اناج | ١٧٦٠ع (م س) | ١٧٧٦ع (م س) |
|---|---|---|
| ٽلها چانور | ٢٥ . | ١٠ ١ |
| ڪڻڪ | — — | ٣٥ . |

ٻين اناجن جون قيمتون ڪين ٿيون ملن.

مٿين فهرست منجهان سراسري قيمت في رپئي ۾ هڪ مڻ ٢٥ سير، يا في مڻ ٠-٠٠:-٠ آنا نڪري ٿي.

# ضميمو چوٿون

۱۸۴۹-۴۴ع وارن پنجن سالن ۾، سنڌ اندر مکيه اناجن جي سراسري قيمت ۰-۱۵-۶ آنا في مڻ هئي، جنهن هيٺين انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو:

| اناج | ۱۸۴۵-۴۴ع | ۱۸۴۶-۴۵ | ۱۸۴۷-۴۶ع | جنوري کان مارچ ۰۰-۱۴-۲ | ۱۸۵۰-۴۹ع | سراسري |
|---|---|---|---|---|---|---|
| باجهري | ۱-۱۰-۶ | ۱-۳-۲ | -۱۴-۸ | ۰۰-۱۴-۲ | ۰۰-۱۴-۹ | ۱-۱-۱۰ |
| جوار | ۱-۱۱-۳ | ۰۰-۳-۲ | ۰۰-۱۲-۰ | ۰۰-۹-۱۰ | ۰۰-۱۱-۸ | ۰۰-۱۴-۷ |
| ڪڻڪ | ۱۰۴-۴ | ۰۰-۱۴-۷ | ۰۰-۱-۴ | ۵۰۱۵-۴ | ۰۰-۱۵-۳ | ۱-۰۰-۷ |
| اچا چانور | ۱-۶-۰۰ | ۰۰-۱۳-۳ | ۱-۰۰-۱ | ۰۰-۱۳-۲ | ۰۰-۱۳-۴ | ۱-۱۵-۷ |
| ڳاڙها چانور | ۱-۰۰-۲ | ۰۰-۱۴-۱ | ۹-۱۱-۰۰ | ۰۰-۱۲-۲ | ۰۰-۱۰-۶ | ۰۰-۱۳-۰۰ |

جملي سراسري ۰۰-۱۵-۶

## BIBLIOGRAPHY

### I Books


Abbot, J ... Sind—a Re-interpretation of the Unhappy Valley—(Oxford, 1924)

Abual-Fazl ... Ain-e-Akbari Blochman & Jarret (Bibiliotheca Indica, 1873-94, 3 Vols.)

Aitken, E. H. ... Gazetteer of the Province of Sind—2 Vols. (Government Press, Bombay, 1907.)

Allen, Rev. I.N. ... Diary of Sind and Baluchistan (J. Hatchard. London., 1843.)

al-Idrsii, al-Istakhri, al-Masudi ... Elliot and Dowson—History of India as Told by Its Own Historians, Vol. I, (1867-77).

Andrews, W.P. ... The Indus and Its Provinces (W. H. Allen, Lond., 1857).

Ashley ... Surveys, Historic and Economic (Longmans, Green, 1900.)

Bal Krishna, Dr. ... Commercial Relations between India and England (George Routledge, Lond., 1924).

Barbosa, Duarte ... The book of Duarte Barbosa—trans. Dames (Hakluyt, 1918).

Beglari ... Beglarnama, Elliot and Dowson Vol. I

Bernier, F. ... Travels (Ed. by Constable, 1914).

Birnie, Arthur ... Economic History of Europe, Methuen, London, 1933.

Brown, Rudmose ... Principles of Economic Geography —Pitman, 1934.

Burton, R.F. ... Sind, the races that Inhabit the Valley of the Indus, London, 1851.
Sind, the Unhappy Valley—2 Vols. (Richard Bentley, Lond., 1851).
Sind Revisited—2 Vols. (Richard Bentley, Lond., 1877).

Burnes. Alexander ... Travels in Bokhara (Lond., 1835).
Cabool (Lond., 1843).

Burnes, James ... A Narrative of a Visit to the Court of Sinde, Robert Cadell, Edinburgh, 1831.

Chablani H.I. ... Economic Condition of India in the Sixteenth Century (Oxford Press, Delhi, 1929).

Cunningham, W. ... Outlines of English Industrial History (Camb. Univ., 1920).

Danvers, F.C. ... The Portuguese in India—2 Vols. (1894) (India Office).

De Laet ... The Empire of the Great Moghul —(Leyden, 1631. Trans. Hoyland, 1928).

Elliot & Dowson ... History of India as told by Its Own Historians, Vols. I and III. (Trubner & Co., 1871).

Elliot Smith ... In the Beginning (Thinker's Lib.)

Elphinstone ... Cabool, 2 Vols, London, 1842.

Encyclopaedia Britannica ... 11th Ed. Vol. XVI.

Farid Bakhari ... Zakhirat-ul-Khawanin (Ms--1060 A.H.)

Faruki ... Aurangzeb and His Times, 1935.

Finch, William ... In Foster's Early Travels.

Foster, Sir William English Factories in India—13 Vols. (1681-69).

Early Travels in India (Oxford 1861).

The Embassy of Sir Thomas Roe (Oxford, 1926).

Letters received by the E.I. Co., from its Servants—6 Vols. (Simpson Lond., 1902).

Ganguli, B.N. ... Trents of Agriculture and Population in the Ganges Valley. (Methuen, 1938).

George ... The relation of Geography and History (Longmans, London).

Gyan Chand ... India's Teeming Millions (Allen & Unwin, 1939).

Haig, M.R. ... Indus Delta Country (Kegan Paul, London, 1894).

Hamilton, Alexander A new account of the East Indies. (In Pinkerton's traveles—Vol. VIII).

Hamilton, Walter ... East India Gazettee (London, 1815).

— — History of Alienation in the province of Sind 2 Vols., Karachi 1888.

Hughes, A.W. ... Gazetteer of the Province of Sindh (George Bell, London, 1874).

Ibn Battuta ... Travels in Asia and Africa (trans: by Gibb—George Routledge, 1929).

Ibn Haukal ... In Elliot, Vol. I.

Ibn Khurdadbih ... In Elliot, Vol. I.

— — Imperial Gazetteer The Sind Cultivator, in W. Burns, 'Sons of Soil', the Manager Publications, Delhi, 1941.

Kalech Beg, Mirza ... Chach Nameh (Commissioner's Press, Karachi. 1900).
History of Sind (Commissioner's Press, Karachi, 1900).

Keith, Loe Young ... Scinde in the early Forties—(Ed. by Scott, 1912).

Kennedy, Richard ... Narrative of the Campaign of the Army of the Indus—2 Vols. (Richard Bentley, Lond., 1840).

Khan Shafaat Ahmed East India trade in the Seventeenth Century (Oxford, 1923).

Malet, G.G. ... Tarikh-i-M'asumi (translation, J. R. H. S.)

Manrique, Sebastian Travels (1629-43)—Hakluyt Society, 1926).

Manucci, Niccolas Storia De Mogor—4 Volumes (Ed. Irvine, Lond., 1907-8).

Meredith, H.O. ... Economic History of England (Pitman, 1908).

Moreland, W.H. ... India at the Death of Akbar (Macmillan, 1920). From Akbar to Aurangzeb (Macmillan, 1923). Agrarian Systems in India (Macmillan, 1929).

Morrison, Theodore Economic Transition in India (John Murray, Lond., 1914).

Mukerji, R.K. ... Economic History of India [Longman's 1945].
Food Planning for Four Hundred Millions [Macmillans, 1938].

Musto, A.A. ... Future of Sind [Karachi, 1923].

Napier, Sir William Life and Opinions of Sir Charles Napier—4 Vols. [Chapman Hall, 1847].
History of Charles Napier's Administration [Chapman Hall. 1851].

Ogg and Sharp ... Economic Develepmen of Modern Europe [Macmillan, 1941].

Pant ... Commercial Policy of the Moghuls [Taraporewalla, 1940].

Pearson, Vera ... Growth and Distribution of Population, Pitman, Lond.

Pelsaert, Francisco Jehangir's India [trans. by Moreland and Geyl, Heffer & Sons. Cambridge, 1925].

Pillai, P.P. ... Economic Conditions in India [George Routledge, 1925].

Pithawalla, M.B. ... Geographical analysis of Indus Basin [Karachi].
Settlements in the Lower Indus Basin [Karachi].
Floods in Sind [Karachi].

Postans, ... Personal Observations on Sindh [Longman, Brown, 1843].

Pottinger, Henry ... Travels in Baluchistan and Sind, [Longmans Hurst, 1916].

Pottinger, William Memoir on Sind [typed copy in D.J. Sind College Library].

Raverty, H.G. ... Mihran of Sind [J.R.A.S., 1892].

Rao, V.K.R.V. ... National Income of British India [Macmillan, 1940].

Rennel James ... Memoir of a map of Hindostan, [3rd Edition, 1793].

Salbancke, Joseph ... Voyage through India, Persia etc., [in Purchas—His Pilgrims, Vol. III—Hakluyt].

Skeat, E.G. ... Principles of Geography [Oxford, 1926].

Smith, Vincent ... Oxford History of India, Oxford, 1923].

Akbar the Great [Oxford].

Sorley, H.T. ... Shah Abdul Latif of Bhit [Oxford, 1940].

Tarikh-i-Ma'sumi<br>Tarikh-i-Tahiri<br>Tarkhan-nama<br>Tuhfat-ul-Kiram ... } Elliot Vol. I.

Tarikh-i-Firozshahi (by Afif-Elliot Vol. III).

Tavernier ... Travels in India—2 Vols. Trans. (Ball, Macmillan, London, 1889).

Terry, Edward ... Voyage to East India, 1777 (In Foster's Early travels).

Thevenot ... Travels (trans. by Tovel, 1687).

Treveleyan, G.M ... What is the use of History—in Universal History of the World—by Hammerton, Vol. 1 (Ama l-gamated Press, London).

Thornton, Edward Guzetteer of the Countries adjacent to India and the north west—2 Vols. (1844) (Allen & Co., London).

Von Orlich ... Travels in India (trans, Lloyd, 1845).



سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ مکيه واپاري رستا.

Walter, Payton ... Journal of all Principal matters passed in the twelfth Voyage to the East (Purchas: His Pilgrims Vol. IV),

Withington, Nicholas In Foster's early travels in India.

## II. GOVT. RECORDS

Barrage Completion Report ... (Government Press, Karachi)

Burnes, Alex ... Navigation of the Indus etc., 1835
On the Commerce of Hyderabad
On the Commerce of Shikarpur
On the Commerce of Thatta
Practical notes on the trade of the Indus, etc,.—(all in India Office).

Burton, R.F. ... Notes on Cultivation in Sind—(Bombay Records XVII, pt. 2, 1855).

Carless, T.H. ... Memoir on Karachi, etc.,—Bombay Records (Selections XVII, Vol. I. 1837).

Census Reports ... (1881-1931) (Bombay Presidency) Sind, 1941.

Commissioner-in-Sind Pre-mutiny records, Government Press, 1947.
Enquiry into the Economic con-idtion of Sind (Compilation No. 1, in Commissioner's library).

Crow, Natnan ... Account of Sind, 1799 (Mss. selection No. 93 of 1802).

Cutch Regency Records ... Collected by Dr. Adrian Duarte, from Cutch Regency at Rajkot).

Del Hoste, E.P. ... Memoir on Sind (in Secret and Political Department, No. 571, 1832).

Ellis Henry ... On Sind (1809)—Consultation 25 A, Bombay Record Office, 1809.

Factory Records (Surat) ... (1635-62) Vols. 1,84,85,102,103.

Factory Records. Selection from State Papers, Surat letters, Bombay letters etc., } (1758-75) in the Bombay Record Office.

Goldsmid, Capt. F.G. Memoir on Shikarpur Etc., Bombay Records XVII, Vol. I).

Hart, Capt.S,V.W. ... Town and trade of Karachi, Etc.,—(Bombay Records XVII, Vol. I).

Irrigation Administration Report (Sind) ... (1931)—Government Press, Karachi.

James, Capt. Hugh... Report on the Pergunnah of Chandookh (Bombay) Records XVII, Vol. II).

Leech, Lt. R. ... Report on the Sindhian troops (1837).

Report of a visit to the manufacturing towns of Ranipur, Gambat and Koda (1837).

Lord, P.H. ... Medical report on the Plain of the Indus (India Office).

Munshi Mohanlal... On the trade of Khairpur (1837) (India Office).

Original Correspondence (1635-62) Vols. 15, 19, 20, 22, 23 (India Office)

Parliamentary Papers Vol. II, 1855, (Replies to Questions).

Portuguese Records... Noticias da India, (Vol. A. 2-28-1475-1741) (Collections from the Pubiic Library, London).

Season and Crop Report ... Sind (1931-2),

Scott, Col. ... Report on the management of Canals and Forests in Seinde (1851 in Commissioner's Library).

### III PERIODICALS

Advani, A.B. ... Kalhoras and their Overthrow (J.S.H.S., Vol. I, pt. 2, 1934).
Early British traders in Sind (J.S.H.S., Vol. I, pt. I, 1934).

Asiatic Review ... Vol. 17, 1921.

Bilimoia, N.M. ... Arabs in Sind—(J.S.H.S., Vol. III, pt. 3, 1938).
Life of Charles Masson (J.S.H.S., —Vol. IV, pt. 3, 1940).
(J.S.H.S., Vol. I, pt. I, p. 35).

Hadiwalla ... Comments
on Tarikh-i-Tahiri
„ „ Tarikh-i-Ma'sumi
„ „ Tuhfat-ul-Kiram
„ „ Tarkhan Nama
„ „ Beglar Nama

Lambrick H.T. ... Early Canal Irrigation in Sind—(J.S.H.S., Vol. III, pt. 1, 1937).

Mirs and the Indus Tolls—J.S.H.S., Vol. VI. 1942).

Malkani, H.C. ... Romance of Shikarpur—J.S.H.S., Vol. I, pt. 2.

Mariwalla, C.L. ... Romance of Sind Textiles (Young Lawyer Karachi, Vol. III).

Sehwan through the Centuries (Sindhian World, Karachi,—Vol. IV).

McMurdo, Capt. ... History of Sind; Memoir on the Indus } J.R.A.S., 1834

Merriman, Capt. ... Record of the Indian Navy (J.S.H.S., Vol. IV).

Meersman, Fr. ... Antonio Boccario's description of Sind (J.S.H.S., Vol. IV, pt 4, 1940).

Mirchandani B.D. ... English Factories in Sind (1758-74 in four parts—J.S.H.S.)

Pirates on the N.W. Coast of the Indus (J.S.H.S.,) Vol. VI).

Henry Ellis on Sind (J.S.H.S.,—Vol. VII).

Crow's Account of Sind (J.S.H.S., Vol. I, pt. 2, 1934).

Withington's route to Sind (J.S.H.S.)

Kalhoras and Cutch. (J.S.H.S., Vol. VII, 1944).

Pithawalla, M.B. ... Historical Geography (in 4 parts, J.S.H.S.).

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورې پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)